# دَمِ ديدار
# مِيَ رقصم

## حفي الحفيظ "الحفن"


سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر








# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”دمِ ديدار مي رقصم“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **حفي الحفيظ الحفن** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

”دمِ ديدار مي رقصم“ ۾ شامل اهڙا انيڪ موتي اسان کي تصوف جي اهڙين رمزن سان روشناس ڪرائين ٿا، جتي فن ۽ فڪر جو ڦهلاءُ پاڻمرادو حفي الحفيظ ”الحفن“ يعني عبدالحفيظ هاليپوٽو جي ذات ۽ ذاتءُ اڳيان موجوده روايتي تاجي پيٽو سر تسليم خم ٿيڻ تي مجبور ڪندو سنڌس شاعري ۾ رومانوي ۽ جمالياتي ڪمال جو ڪهڪشان جهڙي نموني مترنم ۽ رواني سان بيان ڪيو ويو آهي، تنهن کي پڙهندي پڙهندڙ جون اکيون جڻ ڪنهن الهامي آواز سان همڪنار ٿي محبوب جي شبنمي وارن ۽ نشيلن نيڻن جو طواف ڪرڻ لڳن ٿيون.

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيش، حيدرآباد** پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون مانواري مزمل سائر جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**



دَمِ ديدار مي رقصم

**ڪتاب نمبر 53**

**هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

**ڪتاب جو نالو:** دَمِ ديدار مي رقصم
**موضوع:** شاعري
**شاعر:** حفي الحفيظ ”الحفن“
**ڇاپو پهريون:** اپريل 2017ع
**ڪمپوزنگ ۽ ٽائيٽل:** شاهزيب ميمڻ
**ڇپيندڙ:** سمبارا پبليڪيشن
سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

**مُلهه:** 300/=

***DAM-E-DEEDAR MEE RAQSAM***
(***Poetry***)
***Poet**: **Hafi Ul Hafeez “Al Hafan”***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

# ارپنا

پنهنجي فرزندن
**مزمل سائر** ( شاعر)، **راجا مدثر حسين** (سنگر)،
**ظفر حسين هاليپوٽو، منور حسين عرف جيمي،**
**مبشر حسين ۽ مطهر حسين**
سميت پنهنجن قريبي
دوستن، احبابن ۽ همدردن جي نانءُ.





# فهرست

1. اداري پاران
2. مهاڳ
3. دعا
4. ابيات
5. وايون
6. رباعيون
7. غزل
8. هنڙيءَ جي هاليپوٽن جو شجرو
9. ـ ڪين لفظن جي معنيٰ

# اداري پاران

جيتوڻيڪ انساني صحيفن جون تاريخي حقيقتون باشعور قومن لاءِ هميشہ اصلاحي رستن کي هموار ڪرڻ جو سبب رهيون آهن پر پنهنجي وقت ۾ تاريخ جا ڪردار انهن صحيفن جي سچاٽپ جا امين هوندا آهن، اهو ضروري بہ ناهي تہ اهڙن ماڻهن جي مايا جا اڻ ملهہ موتي صرف ڏيکاءَ ۾ سستي شهرت جا حامل هجن، "دمِ ديدار مي رقصم" ۾ شامل اهڙا انيڪ موتي اسان کي تصوف جي اهڙين رمزن سان روشناس ڪرائين ٿا، جتي فن ۾ فڪر جو ڦهلاءُ پاڻمرادو حفي الحفيظ "الحفن" يعني عبدالحفيظ هاليپوٽو جي ذات ۾ ڏانءُ اڳيان موجوده روايتي تاجي پيٽو سر تسليم خم ٿيڻ تي مجبور ڪندو، سندس شاعري ۾ رومانوي ۾ جمالياتي ڪمال جو ڪهڪشان جهڙي نموني مترنم ۾ رواني سان بيان ڪيو ويو آهي، تنهن کي پڙهندي پڙهندڙ جون اکيون چڻ ڪنهن الهامي آواز سان همڪنار ٿي محبوب جي شبنمي وارن ۾ نشيلن نيڻن جو طواف ڪرڻ لڳن ٿيون.

پاڻ گوشہ نشينيءَ ۾ گهاريندي بہ حفي الحفيظ "الحفن" جو قلم خاموشيءَ جي داستان کان وانجهيل، نهايت متحرڪ ۾ تصوفي رنگن جي آرٽسٽڪ نموني طور سامهون آيو آهي، هو نہ فقط ڪنهن وڏي هام کان بغير پنهنجي فني ۾ فڪري گوهر شاهي جو پينڊار آڇڻ لاءِ بي چين آهي، پر پنهنجي همعصرن جي غرور ۾ تڪبر کي بہ لتاڙي نئين ٿهي جي قلمڪارن ۾ شاعريءَ جي متوالن کي موڪيءَ جيان مَتن مان پرت جا پيالا پيش ڪرڻ لاءِ آتو آهي، جن ۾ سونهن، سُرت، چاهہ، چس، نينهن، نوڙت، واءُ، ونگ ۾ محبت جو پرسرور هڳاءُ هيئين سان هنبائڻ جهڙو آهي، بس رڳو عشاق، اکيون اوجهل ڪرڻ کان غافل رهن تہ يقينن عبدالحفيظ هاليپوٽو عرف حفي الحفيظ "الحفن" جو "من اندر جا لوچ" کان پوءِ هڪ ڊگهي عرصي بعد هي ٻيو شعري مجموعو "دمِ ديدار مي رقصم" پڻ پڙهندڙ لاءِ ضرور لاپائتو ثابت ٿيندو.

**ساجد سنڌي**
**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**
**03003513966**





## مهاڳ

الله تبارڪ و تعاليٰ جي مهرباني سان هي ڪتاب شاعري جو مجموعو نالي "دَمِ ديدار مي رقصم" ڇپرائي منظر عام تي آندو ويو آهي. انهيءَ کان اڳ ۾ "من اندر جا لوچ" جي نالي سان شاعري جو مجموعو 1999ع ۾ ڇپرائي منظر عام تي آندو ويو هو. جنهن ۾ هر غزل جي مٿان بحر وزن تحرير ڪيو ويو هو تہ جيئن سيڪڙات شاعرن جي رهنمائي ٿي سگهي، پر ڪن دوستن انهيءَ عمل کي دقيق محسوس ڪيو. انهيءَ حقيقت کي مد نظر رکي هر غزل جي مٿان فقط وزن جا ارڪان تحرير ڪيا ويا آهن انهيءَ سان گڏ علم عروض جي تقطيع ۾ شاعري جي آساني لاءِ شاعري جو قاعدو بہ وضاحت سان ڏنو ويو آهي انشاءَ الله پڙهندڙن کي چڱي رهنمائي حاصل ٿيندي. انهيءَ کان علاوه رباعي بہ علم عروض جي صنف آهي جنهن تي هن ڪتاب ۾ رباعيءَ جي ارڪانن تي پڻ طبع آزمائي ڪئي اٿم انشاءَ الله اها بہ پڙهندڙ دوستن کي لطف اندوز ڪندي. ڪجهہ بيت چند وديا تحت لکيا اٿم ۽ ڪجهہ وايون پڻ لکيون اٿم، بهرحال علم عروض جي تقطيع ۾ قاعدو مختلف ڪتابن تان وٺي هيٺين ريت آساني لاءِ ڏنا ويا آهن:

## علم عروض جي تقطيع

| | بحر | وزن |
|---|---|---|
| 01 | **بحر متقارب** | |
| 1 | متقارب | فعولن فعولن فعولن فعولن |
| 2 | متقارب مقصور | فعولن فعولن فعولن فعول |
| 3 | متقارب محذوف | فعولن فعولن فعولن فعل |
| 4 | متقارب اثلم | فعلن فعولن فعلن فعولن |
| 5 | متقارب مقبوص | فعول فعلن فعول فعلن<br>فعل فعولن فعل فعولن |

| | | |
|---|---|---|
| 02 | **بحر متدارک** | |
| 1 | متدارک | فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن |
| 2 | متدارک اثلم | فعلن فعلن فعلن فعلن |
| 03 | **بحر هزج** | |
| 1 | هزج | مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن |
| 2 | هزج اخرب مڪفوف محذوف | مفعول مفاعيل مفاعيل فعولن |
| 3 | هزج مقصور | مفعول مفاعيل مفاعيل مفاعيل |
| 4 | هزج اخرب | مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن |
| 5 | هزج مقبوض | مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن |
| 6 | هزج اشتر | فاعلن مفاعيلن فاعلن مفاعيلن |
| 04 | **بحر رجز** | |
| 1 | رجز | مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن |
| 2 | زجز مطوي مخبون | مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن |
| 05 | **بحر رمل** | |
| 1 | رمل | فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن |
| 2 | رمل محذوف | فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن |
| 3 | رمل مشڪول | فعلات فاعلاتن فعلات فاعلاتن |
| 4 | رمل مخبون مقصور | فاعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلات |
| 5 | رمل مخبون محذوف | فعلاتن فعلاتن فعلاتن فعلن |
| 06 | **بحر ڪامل** | متفاعلن متفاعلن متفاعلن متفاعلن |
| 07 | **بحر وافر** | مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن |
| 08 | **بحر مقتضب** | مفعولات مفعولات مفعولات مفعولات |
| 09 | **بحر مجتث** | |
| 1 | مجتث | مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن |
| 2 | مجتث مجنون محذوف مقصور | مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلات |





| | | |
|---|---|---|
| 10 | **بحر مضارع** | |
| 1 | مضارع | مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن |
| 2 | مضارع اخرب مڪشوف/محذوف مقصور | مفعول فاعلات مفعول فاعلات |
| 3 | مضارع اخرب | مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن |
| 11 | **بحر منسرخ** | |
| 1 | منسرخ | مفتعلن فاعلن مفتعلن فاعلن |
| 2 | منسرخ مطوي مڪشوف۔موقوف | مفتعلن فاعلات مفتعلن فاعلات |
| 3 | منسرخ محذوف | مفتعلن فاعلات مفتعلن فا ع |

**نوٽ:** بحر جو توازن برقرار رکڻ لاءِ مندرجہ ذيل وزن کي خيال ۾ رکڻ ضروري آهي. (1) مثمن اٺن جو تعداد (2) مسدس ڇهن جو تعداد (3) مربع چئن جو تعداد (4) سالم پورو وزن (5) اڌپورو وزن

1. مثمن۔فعولن فعولن فعولن فعولن
2. مسدس۔فعولن فعولن فعولن
3. مربع۔فعولن فعولن
4. سالم۔ فعولن فعولن فعولن فعولن
5. مقصور۔فعولن فعولن فعولن فعول

**رباعي**

مفعول مفاعلن مفاعيل فعولن
مفعول مفاعلن مفاعيل فعول
مفعول مفاعلن مفاعيل فعل
مفعول مفاعلن مفاعيل فا ع
مفعول مفاعلن مفاعيل فع

## عروض شاعري جو مددگار قاعدو

سنڌي ٻولي تي عربي ٻولي جو اثر ڪنهن کان لڪل ناهي. عربي ٻولي جا سڀ جا سڀ اکر (الفابيٽ) جيڪا (28) اٺاويهه اکرن تي مشتمل آهي سنڌي ٻولي ۾ مروج آهن. انهيءَ ڪري شاعري کي آسان ڪرڻ لئه جيڪي قائدا لکيا ويا آهن تن کي سلسلي به سلسلي هيٺ ڏجي ٿو.

عربي ۾ ڪل 28 اٺاويهه اکر آهن– 14 شمسي ۽ 14 قمري جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

**قمري اکر:** ا ب ج ح خ ع غ ف ق ڪ م و هه ي

**شمسي اکر:** ت ث د ذ ر ز س ش ص ض ط ظ ل ن

قمري اکر اهي آهن جيڪي زور ڏيڻ بغير اُچاري سگهبا آهن
مثلاً ح ۽ ڪ: عبدالحليم ۽ عبدالڪريم. انهن ٻنهي اکرن تي زور ناهي.
قمري نرم ۽ ملائم اکر آهن.

شمسي اکر اهي آهن جن تي زور ڏيڻو پوي ٿو، يعني مشدد يا شد () وارا اکر آهن. مثلاً ر ۽ س: عبدالرشيد ۽ عبدالسعيد انهن اکرن تي زور آهي يا زور ڏئي پڙهڻو ٿو پوي.

ٻوليءَ جي تلفظ يا اُچار کي سمجهڻ لئه "اعراب" سمجهڻو پوندو. اعراب عربي ٻولي ۾ واويل (Vowel)جو ڪم ڪندي آهي. جيئن صرف علت سنڌي ٻوليءَ ۾ . اعراب ڪل اٺ آهن. مدرجه ذيل:

(1)زبر
(2) زير
(3) پيش
(4) مد
(5) تنوين
(6) جزم
(7) تشديد
(8) وقف

(1) زبر: زبر حرف جي مٿان ٿيندي آهي، زبر ڏنل اکر کي "مَفتوح" چئبو آهي مفتوح اکر جو اُچار جهڪي (الف) جهڙو ٿيندو آهي.

(2) زير: زير حرف جي هيٺان ٿيندي آهي زير ڏنل حرف کي







"مشڪور" چئبو آهي مسڪور حرف جو اُچار جهڪي "ي" ٿيندو آهي.

(3) پيش: پيش حرف جي مٿان ايندو آهي. پيش ڏنل حرف کي (مضموم) چئبو آهي مضموم حرف جو اچار جهڪي "و" جهڙو ٿيندو آهي.

(4) مد: مد جو مطلب آهي ڊيگهه يا وڌاءُ، حرف کي ڊگهو ڪري پڙهڻ لئه مد ڏني آهي. مد ڏنل حرف کي (ممدود) چئبو آهي.

(5) تنوين: زَبر-زِير ۽ پيش کي ٻٽو ڪري لکيو آهي، تنوين هميشه لفظ جي آخري حرف تي ايندي آهي، مثلاً ، حقيقتاً، وقتاً فوقتاً وغيره.

(6) جزم: ٻن اکرن جي وچ ۾ ٽيون اکر جنهن جو اُچار گهٽ ۽ هلڪو ظاهر ٿئي، ان جي مٿان جزم جي نشاني ڏبي آهي. جزم ڏنل حرف کي (مجزوم) چئبو آهي، مجزوم اکر کي ساڪن يا غير متحرڪ ڪرڻ چئبو آهي، مجزوم اکر جي شڪل مثلاً لُطفُ-قدرُ وغيره.

(7) تشديد: جنهن به اکر کي زور ڏئي ادا ڪجي انهيءَ اکر کي شد ڏبي آهي، شد ۾ آيل اکر حقيقت ۾ ٻٽو هوندو آهي، جيئن (محمد)، محمد لفظ جو وچون (م) مسدود آهي، يعني زور ڏئي پڙهجي ٿو مطلب ته هتي هڪ (م) نه پر ٻه (م) آهن لکت ۾ هڪ (م) لکبو پر ان تي شد ڏبي اهڙي اُچار واري حرف کي مشدود چئبو آهي.

(8) وقف: ساڪن اکر جي پنيان پيو ساڪن يا غير متحرڪ اکر اچي ته اُن کي وقف جي نشاني ڏبي آهي، مثلاً پيار، پار، وغير، هنن لفظن ۾ "ي" جو پيون اکر (ا) يا الف ساڪن آهي، انهيءَ ساڪن الف جي پويان هڪ پيو اکر آهي (ر) اِهو "ر" موقوف يعني وقف وارو اکر آهي، عموماً جملي ۾ پوئين لفظ جي آخرين اکر تي وقف ڏبو آهي، انهيءَ کان علاوه (ر) الف سان منسوب ٿي وئي ۽ هلڪي آواز ۾ اُچاربي.

مٿئين قاعدي سان گڏوگڏ حرف (علت) کي سمجهڻ ناگزير آهي، حرف علت يعني (الف-و-ي) يا 10-و-ي) جنهن کي اڪثر واي) يا وائي چئبو آهي، حرف علت مندرجه ذيل ڏسو:

ا-الف
و-واو
ي- يا ئي

(i) الف ٻن قسمن جا ٿيندا آهن

الف ممدود ۽ الف مقصور

(1) الف ممدود-الف تي مد هجڻ جي حالت ۾ الف جو آواز ڊگهو نڪرندو-مثلاً-آغاز-آواز-آچر-آب وغيره

(2) الف مقصور-اهو الف جنهن کي ننڍو ڪري پڙهجي مثلاً اڄ-اڄ-اڄ-اُپ-اُٺ وغيره اهڙي الف کي الف مقصور چئجي ٿو، الف مقصور ۽ الف (همزه) يعني (ء) جو اُچار ساڳيو آهي.

"و" ٽن قسمن جو ٿيندو آهي.

1. معروف، 2. مجهول، 3. معدول

(1)و-معروف-جنهن "و" جي اڳئين اکر تي پيش هجي ۽ ان کي چٽو ڪري پڙهجي تہ اُن (و-معروف) چئبو آهي، مثلاً: دُور-سُور-نُور-صُورت وغيره.

(2) و-مجهول-جنهن "و" جي اڳئين اکر تي پيش هجي پر ان کي چٽو ڪري نہ پڙهجي ان کي "و" مجهول چئبو آهي، زور-روز-هوش مور-شور وغيره.

(3) "و" معدول-اُهو "و" جيڪو لکڻ ۾ تہ اچي پر پڙهڻ ۾ نہ اچي اُن "و" کي معدول چئبو آهي-مثلاً: خوش-خود-خوامخاه-خواب وغيره.

i. يائي معروف

ii. يائي مجهول

i. يائي معروف-جنهن "ي" جي اڳئين اکر تي زير هجي ۽ ان کي چٽو ڪري پڙهجي تہ ان کي يا ئي معروف چئبو آهي: مثال: امير-فقير وغيره.

ii. يائي مجهول-جنهن "ي" جي اڳئين اکر تي زير هجي پر ان کي چٽو ڪري نہ پڙهجي ان کي يا ئي مجهول چئبو آهي. مثال: شير-دلير وغيره





حرف علت کان علاوه "هہ" ۽ "ن" جي وضاحت ضروري آهي جيڪا پڻ هيٺ ڏجي ٿي:

"هہ" جا ٽي قسم ٿيندا آهن

i. هائي ملفوظ

ii. هائي غير ملفوظ

iii. هائي مخلوط

i. هائي ملفوظ-اُها "هہ" جيڪا چٽي اُچاري سگهجي، مثلاً واهُ-راهَہ-آهَ وغيره.

ii. هائي غير ملفوظ: اُها "هہ" جيڪا چٽي طرح اُچاري نہ سگهجي. مثلاً ورده-پروانہ-بيگانہ ۽ مردانہ وغيره.

iii. هائي مخلوط-اُها "هہ" جنهن جو اُچار ٻئي ڪنهن حرف سان ملائي پڙهجي-مثلاً اوها-توهين-سنهو وغيره

"ن"

"ن" جا ٻہ قسم آهن

i. نون غنہ

ii. نون متحرڪ

i. نون غنہ: اُها نون "ن" جيڪا چٽي ڪري نہ پڙهجي بلڪہ اُن جو آواز نڪ مان نڪري مثلا: هينئر-سنپال وغيره

ii. نون متحرڪ: اُها نون "ن" جيڪا چٽي ڪري پڙهجي-هن "ن" تي اعراب (زير-زبر يا پيش) هوندو آهي، مثلاً: ڪَنُ-نَڪُ-نعمت وغيره

"نقطو"

حروف منقوطو ۽ غير منقوطو

i. منقوطو: منقوطو اُنهي اکر کي چئبو آهي جنهن تي نقطو هجي يعني: ت-پ-ٿ-ٺ وغيره.

ii. غير منقوطو: اُهي اکر آهن جن تي ڪو بہ نقطو نہ هوندو آهي. مثلاً ح-د-ر-ل وغيره

## سنڌي ٻولي ۾ لفظن جون صورتون

عام طرح ڪنهن به زبان ۾ لفظن جوڙڻ جا ڪي خاص قاعده ڪو نه هوندا آهن پر جيئن ته هر ٻولي ۾ شاعري جي زبان ڪي معياري ۽ تحقيق يافته زبان لکيو ويندو آهي تنهن ڪري شاعرن جي لفظن ۾ تفصير يا اضافو سندن خيالن کي جامع بائڻ لئه مجبوري حالت ۾ ضروري ٿي پوندو آهي اهڙا لفظ جيڪي قاعدي جي صورت ۾ اختيار ڪري چڪا آهن تن کي هيٺ ڏجي ٿو:

1. ترخيم، 2. حذف، 3. تحريڪ، 4. تسڪين، 5. اشباع، 6. ابدال، 7. استقاق 8. زيادت يا اضافت، 9. تصرف، 10 تذڪير، 11. اِدغام

(1) ترخيم: لفظ ترخيم فعلي رخم مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي نئيو ڪرڻ- لفظ جي پوئين حرف جي ڪيڏي ڇڏڻ کي ترخيم چئبو آهي، مثلاً : بادشاهه مان (بادشا) درياه مان (دريا) وغير اهڙيون تبديليون اڪثر شعرن ۾ نظر ايندون آهن جيئن هيٺ شعر ۾:

ٿين ٻوڏون جڏهن چڙهي دريا
سڀ پڇن ٻڌي ڪُنن ڪڙڪا
"مرزا قليچ"

(2) حذف: حذف جي معنيٰ آهي (ڪيڏي ڇڏڻ) لفظ جي ڪنهن حرف يا عبارت جي ڪنهن لفظ کي ڪيڏي ڇڏڻ کي حذف چئبو آهي. مثلاً: جهڙو مان (جهو) جيئن هيٺين شعر ۾:

ڏنو مون کي ڏاهي اشارو اهو
ته آهي سڀت ۾ نه سڀ تنهن "جهو"

(3) تحريڪ: ساڪن يا غير متحرڪ حرف شعر يا محاوري ۾ متحرڪ ڪري استعمال ڪبو آهي ان کي تحريڪ چئبو آهي. جيئن (شرم ۽ گرم) انهن لفظن ۾ "ر" ساڪن آهي پر شاعر متحرڪ ڪري استعمال ڪئي آهي، مثلاً

هٽي گل انهيءَ "شرم" ڪيو شرمندو
وهائي اکن مان ٿو پاٽي "گرم"
(خليفو گل محمد)

(4)تسڪين: متحرڪ اکر کي ساڪن ڪري پڙهڻ کي تسڪين چئبو





آهي، جيئن حرڪت مان حرڪت، برڪت مان برڪت، حيوان مان حيوان وغير، هتي "ر" ۽ "ي" متحرڪ آهن پر انهن کي ساڪن ڪري استعمال ڪيو ويو آهي.

(5) اشباع: اشباع لفظ جي معنيٰ آهي "وڌاءُ" اشباع انهيءَ هالت کي چئبو آهي جنهن ۾ لفظ جي ڪنهن حرف کي ايترو ڊگهو ڪجي جو پيشن مان (واو) زبر مان (الف) ۽ زير مان (ي) جو اُچار نڪري، جيئن هيٺين بيت ۾:

قسمت قيد ڪيو "نات" ڪير اچي هن ڪوٽ ۾
شاهه

مٿئين بيت ۾ "نات" لفظ اصل ۾ نه ته آهي پر شاعر اشباع استعمال ڪندي لفظ ۾ وڌاءُ ڪيو آهي جيڪو شاعري ۾ جائز آهي.

(6) ابدال: لفظ جي معنيٰ آهي تبديلي يا ڦير گهير شاعر هيٺين بيتن ۾ ابدال استعمال ڪيو آهي، جيئن:

1. "مزمانن" مهري آٽي جهوڪيا جهوڪ ۾
2. ڪونهي ڪميٽي جو "بگر" توبلو
3. جنهن کي عشق مولا جو ناهي
سوجڻ جهنگ "جناور" آهي.

مٿئين بيتن ۾ مهمان مان ميزبان، بغير مان بگر ۽ جانور مان جناور جي ڦير گهير کي ابدال چئبو آهي.

(7) اشتقاق: لفظ جي معنيٰ ڪيڏي ڇڏڻ، هڪ لفظ مان ٻيو لفظ ٺاهڻ يا ڪنهن لفظ مان اضافي حرف ڪيڏي خالص صورت ۾ آڻڻ کي اشتقاق چئبو آهي، مثلاً مظلوم مان ظلم، مفعول مال فعل، مندائتو مان مند، گهريلو مان گهر وغيره.

(8) زيادت يا اضافت: اهو لفظ جنهن ۾ زائد هرف آڻي استعمال ڪجي تنهن کي زيادت يا اضافت چئبو آهي، مثلاً نرڙ مان نراڙ جيئن هيٺ ڏنل بيت ۾:

لکيو جو "نراڙ" سو انگ ڪياڙي نه ٿئي
پاڙيو ويئي پاڙ-جيڪي لکيو لوح قلم ۾.
(شاهه)

(9) تصرف: ڏارين ٻولين مان لفظ وٺي ان ۾ ڦير ڦار آڻي پنهنجي ٻولي ۾ ڪم آڻڻ کي تصرف چئبو آهي مثال طور: عربي ٻولي مان فلانَ مان ڦلاڻو ۽ فواره مان ڦوهارو ۽ انگريزي ٻولي (Matches)مان ماچيس۽ Sleeperمان سليفر استعمال ٿيل آهي اهڙي حالت کي تصرف چئبو آهي.

(10) تذڪير: مئونث لفظ کي مذڪر ڪري ڪم آڻڻ کي تذڪير چئبو آهي جهڙوڪ: جنڊڙي مان جنڊڙو، ۽ ياراڻي مان ياراڻو جيئن هيٺ بيت ۾ ڏنل آهي.

ساموندي ساري ماءِ منهنجو "جنڊڙو"
من کي چائي لوچ پاڻ پيهي ويا چيرين.

(11) ادغام: ٻن هم جنس يا هم مخرج لفظن کي ملائي هڪ لفظ ڪري پڙهڻ کي ادغام چئبو آهي، انهي کان علاوه اچارڻ ۾ دقت پيش اچڻ سبب انهن لفظن مان ڪو حرف حذف ڪرڻ کي پڻ ادغام چئبو آهي، مثلاَ

i.ياد ۽ داشت به الگ الگ لفظ آهن
شاد ۽ باش پڻ به الگ الگ لفظ آهن

انهن لفظن کي ملائبو ته ياد داشت ۽ شادباش ٿيندا. اهڙي ميل يا جوڙ کي ادغام چئبو آهي.

(ii) انهن ساڳين لفظن مان (د) حذف ڪبو ته ياد-داشت مان يادا شت ۽ شاد-باش مان شاباش ٿيندا-اهڙي حذف کي به ادغام چئبو آهي.

هي ڪتاب "دَمِ ديدار مي رقصم" جيڪو اوهان دوستن جي هٿ ۾ آهي انهيءَ کي سهيڙڻ ۾ ظفر حسين جو وڏو هٿ آهي ظفر حسين منهنجو ٽيون نمبر فرزند آهي هن کي پڻ علمي ادبي شوق وذوق آهي آئون ظفر حسين جو ٿورائتو آهيان جنهن پنهنجي دلچسپي سان ڪتاب مڪمل ڪرايو.

انهيءَ کان علاوه آئون مزمل حسين جو پڻ ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي هن ڪتاب کي پنهنجي صورت ۾ آڻڻ ۾ منهنجي مڪمل مدد ڪئي، مزمل حسين به علمي ادبي شوق رکندڙ انسان آهي.

مزمل حسين ٽي ڪتاب تحرير ڪري چڪو آهي جن جا نالا





هي آهن،

1. سدا سائر سپر ۾
2. سائيلنس آف دي پيانو سنگس (انگلش شاعري ۾ آهي ۽ لنڊن مان ڇپيل آهي.
3. ڪٿوري ڪيپ ڪيتر ۾، مزمل حسين جو شاعرانه تخلص مزمل سائر آهي. مٿيان ٽيئي ڪتاب شاعري جا مجموعه آهن، مزمل حسين منهنجو ڇهن پٽن ۾ سڀني کان وڏو فرزند آهي. هو سي ايس ايس (ڊي ايم جي) گروپ جو 19 اوڻويهه گريڊ ۾ آفيسر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ هن وقت آسٽريليا ۾ ٻن سالن جي ٽريننگ تي آهي، الله تبارڪ و تعاليٰ ڪيس وڌيڪ ڪامياب و ڪامران ڪري، آمين.

هن ڪتاب جي آخر ۾ هنڙي جي هاليپوٽن جو شجرو پڻ ڏنو اٿم سو ڪڏهن نه ڪڏهن تاريخ جو باب ٿيندو. انشاءَ الله

شل منهنجي هي هڪ ننڍڙي ڪاوش پڙهندڙن جي درٻار ۾ قبول پوي.

**عبدالحفيظ هاليپوٽو**
**تخلص: حفي الحفيظ "حفن"**

# دعائون







مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

خدا وندا ڪرم ڪر مون مٿان صدقي محمد جي
نوازي نعمتن سان ڇڏ مٺا صدقي محمد جي

گناهن ۾ پڏل آهيان بچيل ناهي پلئہ منهنجو
پگهاري ڇڏ گناهن کي صفا صدقي محمد جي
لڳي ٿو دل ڪلر وانگي ٿي ڪاري آه وئي منهنجي
ڪري زرخيز تنهن کي تون بچا صدقي محمد جي
ڳرو ٿيلهو ڪلهن تي ٿم خطائن جو خداوندا
الاهي بخش منهنجي هر خطا صدقي محمد جي
الاهي چو گناهن ڏي لڙي ٿو مان پوان هردم
بچڻ واري کا طاقت ڪر عطا صدقي محمد جي
ڪيان ٿو ورد روزانہ وساريو ڪين ٿم تو کي
مٿان مون کي وسارين يا خدا صدقي محمد جي
تو طاقت جا ڏني مون کي ڪيم مخلوق جي خدمت
ڪمي بيشي لئہ معافي ٿو گهران صدقي محمد جي
عطا جي نعمتون تو ان گنت مون تي ڪيون آهن
شڪر تن جو ڪيان ٿو جا بجا صدقي محمد جي





بچائج امتحان کان يا خدا هر پل مون هيڻي کي
ڏجان مون نہ ڪا ڪڏهن جفا صدقي محمد جي
نڙي ۾ ساهہ آ جيسين سهارو تون ئي آن منهنجون
کيون مون آسرو تنهنجو سدا صدقي محمد جي
سچو انصاف ڪهڙون مون ڪيو هوندو زماني ۾
ڪرم انصاف جي عيوض ڪجان صدقي محمد جي
ڪيم احڪام پورا پر نقائص بيشمار آهن
قبولي ڇڏ سي عاصي جا الا صدقي محمد جي
ڪيو تخليق مون کي تو حقوقن ۽ فرائض سان
جي رهجي ويا سي بخش ڪر سخا صدقي محمد جي
ڪسو ايمان آ منهنجو ڪري ڪامل عطا ڪر مون
مسلماني سان گڏ مومن بنا صدقي محمد جي
مٿان محتاج ڪنهنجو تون ڪرين يا رب سوا پنهنجي
سلامت رک تون محتاجي کئا صدقي محمد جي
رهان ٿو تنهنجي دنيا ۾ اجا زنده تو رکيو آ
اگر مارين تہ عزت سان مران صدقي محمد جي
گهرائين تون جڏهن مون کي ڪري معصوم ڇڏجان مون
قبولي ڇڏ "حفن" جي هي دعا صدقي محمد جي.

◈

فعولن فعولن فعولن فعولن

پسا ملڪ مولا-مڪو ۾ مدينو
ڏسان روضو نوري ۾ ڪعبہ خزينو

زماني ڪان پلجي ٿي هيءَ آس دل ۾
مڪو ۾ مدينو ڏسان هڪڙي پل ۾
مگر سال ٿي ويا ويا ٿي هڪ هڪ مهينو
هزارين وڃن پيا ٿا ڪعبہ ڏسڻ لئہ
محمد جو روضو ۾ جالي چمڻ لئہ
ڪڏهن ٿيندو مولا ڪرم جو قرينو
پري پنڌ ڏاڍو ڪرايو بہ ناهي
غريبي منجهايو سهارو بہ ناهي
نڪي هڙ ۾ آجو ڪٽي ڪو سفينو
محمد جو درشن ڪيان آروز آ
ڏسان خوبروءِ ڪي اکن جستجو آ
ڪشف جي ڏي منزل ڪيي ڪوري ڪينو
مديني گهرايو-مڪو مون پسايو
طواف اهڙو ڪعبہ جو مون کي ڪرايو
حفن جو مڪمل ڪيو سير سپنو.

◈



دَمِ ديدار مي رقصم

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

دعا دل سان گهران ٿو مان، اگهائي سا خداوندا.
جا پوري آس ٿي ناهي پڄائي سا خداوندا.

ڪرم تنهنجو ڪڏهن گهٽ ڪين ٿيو آهي مگر پوءِ پي
جا بگڙي ڳالهہ آهي هٿ بنائي سا خداوندا.
زماني جي تو هر خواهش آ ڪئي پوري مڃان ٿو مان
نہ ٿي مرسل سندي زيارت ڪرائي سا خداوندا.
اهو تنهنجو ڪرم آهي نہ ڪنهن آڏو جهڪايو تو
جهڪڻ چاهي ٿي تو ڏي دل-جهڪائي سا خداوندا.
الاهي دلفريب آهي جهان سارو مگر هاڻي
مڙي آ دل بچڻ لاءِ-بچائي سا خداوندا.
جڏهن ڪيفيت ٿي نازل ٿي، لڳي ٿو ائين تہ ويجهو آن
محبت ڪل پري دل ۾-سمائي سا خداوندا.
سڀئي اولاد مال وڏان-ڪيم تنهنجي حوالي هٿ
رکي ايمان جي دولت-وڏائي سا خداوندا.
حفيظ اهڙو نہ ڏاهو آ-گهرڻ جنهن کي اچي سيڪي
پلي جنهن ۾ ٿو سمجهين تون پلائي سا خداوندا.

◈

فعولن فعولن فعولن فعولن

گناهن ۾ گهيريل گنهگار گندو.
سڏائي ٿو مالڪ مگر تنهنجو بندو.

عجب سهوي فطرت ڏني ٿو اسان کي،
ڪنيم لاهي پاهي-خطائن جو ڪندو.
تو انسان بنايو- مگر مون نہ چاتو،
زماني جي رونق ڪيو آهي انڌو.
مون ڪئي ڪهڙي ناهي جهان ۾ برائي،
يقيناً ڪيو ٿم گناهن جو ڏنڌو.
چڙهي وئي گناهن جي گر قلب تي آ،
ڪرم ڪر تون مالڪ لڳي گر ڪي رندو.
گهران ٿو اي مالڪ مان پردو پناهون،
ڏکي ڏول ڏکجان دعائن جو ڏنڌو.
وساري مان ويٺس-وچن روز ازلي،
ڳچي ۾ وڌو مون گناهن جو ڦندو.
ڪِنو جيڏو آهيان-مگر آهيان تنهنجو،
حفيظي ڪرم ڪر تہ ٿيان نيڪ بندو.

◈



ذَمِ ديدار ميں رقصم

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

خداوندا نہ ڪائي آس دل ۾ تون سمائين ها.
سمائي هئي تہ پوءِ مالڪ-اُها هر هڪ پڄائين ها.

ڪرم تنهنجو وساريان ڪيئن-هميشہ جو ڪيئن مون تي،
اِلاهي چو گهري ٿي دل-اچا احسان نائين ها.
ڪڏهن ڪان آس پئي پلجي-اندر ۾ يا الاهي مون،
نظارو نور جو مرسل مون مالڪ تون ڪرائين ها.
خداوندا جهان سارو-يقيناً آ فريبي پر،
عقل منهنجو نفي هو ڪاش اثباتي بنائين ها.
اهو تنهنجو ڪرم آهي-نہ ڪنهن آڏو جهڪايو تو،
نماز نينهن سان سرڙو-سندئي در تي جهڪائي ها.
ملائڪ جن شيطاني-ڏني فطرت تو انسان کي،
حفي کي شوق دنيا کان-هميشہ پيو پڄائين ها.

◈

# ابيات



دَمِ ديدار مي رقصم



## ابيات

اٺئي عشق آتش-متائن پلئہ کو پائي
لڳڻ کي جي لڳي ويو-پوءِ ور ڏئي نہ اجهائي
اهو ڳٽ ڳچي پائي- تہ بره بسمل جي بات ٿئي.

اٺئي عشق آتش-لڳڻ کي هو سو لڳي ويو
ڏنو پلئہ پرين-اندر ۾ ٿي آه خواهش
ڪندي ڪوه ڪاوش-ڇُنو آهين ڇت سان.

مري جي من ٿيو آ مام- تہ پيو جهان آهيم اک ۾،
بقائي بقا آهي-فنا ناهي ڪو مقام،
اهو آ مشهور عام-تہ حفن آ فنا ۾ بقا ٿيو.

مرڪي ٿو محب ملين-ڇڻ انگ انگ ٿو نري،
پڪڙا وجهي قرب مان-ور ڏئي ٿو جڏه ڪلين،
وري جو سور سلين-تہ حفن ڇڻ غم غرق ٿيا.



دَمِ ديدار ميں رقصم

شمع جو شاهي شان-ٻري تہ ٻهڪي ٻلهار،
هجي جي هوند هن جي-تہ موچارو موهجي مهمان،
جي موڙي ٿي منهڙو-نہ خانان رهي نہ خان،
موٽي ملي ڏئي مان-تہ آرام اچي اوطاق ۾.

سڙون ساري رات-سهائي ڪري سڄڻن ست ۾،
جيڏو تيل تر ٿئي-اوڏي سڙون ساعت،
سهائي سنديد تات-عيوضو نہ آ ڏيئڙا.

تيل سڙي وٽ سڙي-سڙي ڏيئڙو ساري رات،
ترڪ نہ تيسين ٿئي تيرگي-جيسين ٿئي پرڀات،
ڪنهنجو اهڙو وات-جو سارا هسيون ساه سان.

ڏيئڙو تيل وٽ-سڙيو سڙن ساري رات،
تخليق اهڙي انهن جي-عجب جهڙي بات،
ڪجي ڪهڙي تات-هيئت اهڙي نصيب اهڙو.

◈







# وايون

آ سانوڻ بہ آيو ۽ ڪويل بہ ڪوڪي
سنـدي دل پـئـي ڌڙڪـي.
وسن وڏ ڦڙا پيا۔نظر پئي ٿي ٽڙڪي، اڇي شل ڪو ڪڙڪي،
فضا ۾ ڦوهارو ٿو ملهار ڇڙڪي، اڇي شل ڪو ڪڙڪي.
وسي بوند باران سرهاڻ سرڪي، اڇي شل ڪو ڪڙڪي.
هي ڪڪري ڪارايل پري پون ٿي پڙڪي، اڇي شل ڪو ڪڙڪي.
هوا سان حسينن جي زلفن ڪي جهٽڪي، اڇي شل ڪو ڪڙڪي.
ٻاٻيهل ٿو ٻولي ڍانديئڙ ٿو ڍرڪي، اڇي شل ڪو ڪڙڪي.
پڪي لاڳ لئہ شاخ تي پيو ٿو لڙڪي، اڇي شل ڪو ڪڙڪي.
سپن موج مستي آ سانوڻ پيو ڇٽڪي، اڇي شل ڪو ڪڙڪي.
لنڊو ۽ لنڊي ٻي ٿي ٽارن ۾ لٽڪي، اڇي شل ڪو ڪڙڪي.
ڪرن مينهن داٽا۔سٺو مينهن ٽپڪي، اڇي شل ڪو ڪڙڪي.

◈





هلي هوت حاڪم پنهل پاڻ آيو،
آيو ڄام آري.
سسئي ويو وساري.
هُئا جُنگ جوڏا۔سپن جو هو رايو۔ سسئي ويو وساري.
لڳو عشق اونهون۔تنهن سينو ٽپايو۔سسئي ويو وساري.
ڪيو عشق ڪيچن سسئي پر نپايو۔سسئي ويو وساري.
هُئي ڪمزور سسئي جنهن خود کي ملهايو۔سسئي ويو وساري.
سسئي حور هُئي هن ڇهي آ لڄايو۔سسئي ويو وساري.
هي دل ڪهڙي ڪم جي لڄن کي لڄايو۔سسئي ويو وساري.
اِهي ڏير ڪهڙا سسئي ڪان لڪايو۔سسئي ويو وساري.
شرم ٿو اچي مون کي ڏيرن ٻڌايو۔سسئي ويو وساري.
آهي دل جي دنيا لڳي کي لڳايو۔سسئي ويو وساري.
سوين سال ٿي ويا نہ عاشق ٻيو آيو۔سسئي ويو وساري.
حفن روح تنهنجو آ هوتن رنجايو۔سسئي ويو وساري.

◈

### متا منهنجا مارو-سچا منهنجا مارو

آ مـٺ پـنـهـنـجـو مـارئـي.
وساري پيلا ڪيئن-وطن ويڙ مارئي-آ مٺ پنهنجو مارئي.
مريو ڦوڳ مارنگ-ٻري پاسا چارئي-آ مٺ پنهنجو مارئي.
قصو ڪيت جو ڏس-هنداڻي ۾ هارئي-آ مٺ پنهنجو مارئي.
عمر ڪي هوس جو هو چو مَدُ پيارئي-آ مٺ پنهنجو مارئي.
ستَي پاڪ مارئي نہ ٿيس ونگو وار ئي-آ مٺ پنهنجو مارئي.
الا ٻڌ تہ مارن ڪي مارئي تہ سارئي-آ مٺ پنهنجو مارئي.
نپائي ننگن ڪي-شرم ڪي اُجارئي-آ مٺ پنهنجو مارئي.
ڪٽي سوڪڙي ها هجي ها ڪا پارئي-آ مٺ پنهنجو مارئي.
هي چونئري اندر ئي حفن پئي ٻهارئي-آ مٺ پنهنجو مارئي.
حفن پيو هميشہ ڪان مارئي ڪي سارئي آ مٺ پنهنجو مارئي.

◈





### هو ڏم ڪهڙو ڪم جو ٿيو ور هو سهٽي

ميـهـر جـي مـجـاز ۾.
جي من سان نہ هو من-پوهن چو تہ پرٽي-ميهر جي مجاز ۾.
اندر ۾ اسيري ميهار لنئون هئي لهٽي-ميهر جي مجاز ۾.
جـتـي عشـق آتـش اُتـي بـاه ٻـرٽـي-مـيـهـر جـي مـجـاز ۾.
عقل مت شرم سان تہ لنئون ناهي لڳٽي-ميهر جي مجاز ۾.
ڏجهو ڏم هو ڏامر مقابل هئي سهٽي-ميهر جي مجاز ۾.
اندر ڪي اُجاري ميهر سان هئي ملٽي-ميهر جي مجاز ۾.
اجاين غيورن نہ هئي زوري ڪرٽي-ميهر جي مجاز ۾.
ڪٿي ڏم ٻهگڙءِ ڪٿي سهٽي هرٽي-ميهر جي مجاز ۾.
حفن نج هو ناتو اصل جاءِ وجٽي-ميهر جي مجاز ۾.

◈

چمن ۾ آ بلبل-اڏي ٿي لڏي ٿي

ڪڏي ٿي جي بلبل،
رُسي رات راٿي.
آ گلزار گلشن آ ساڳي ڪهاٿي-رُسي رات راٿي.
گهمي باغبان پيو-ڏي ٻوٽن کي پاٿي-رُسي رات راٿي.
هوائون هلن پيون بهارنِ جون هاٿي-رُسي رات راٿي.
فضا آ معطر-اٿم مدَ ماٿي-رُسي رات راٿي.
چنبيلي چنبن مان هوائن اڏاٿي-رُسي رات راٿي.
آ موتئي ۽ مگري سڳند فل اُماٿي-رُسي رات راٿي.

◈



دَمِ ديدار ميں رقصم

ڪلي ڏس تہ ڪيئن ٿي ٽڙي پئي ٽڙي پئي.
اٿس شوق ٿئي گل،
گلابي گلابي.
بهارن جي موسم ڪري مست اڙي پئي- هُجي هل رهي گل.
گلنِ ۾ مگن ٿي هوا ۾ ٽڙي پئي-ٻڌي شور ۽ غل.
مَڌُر آهي خوشبوءِ مغز ۾ چڙهي پئي-بهارن ڪيو مُلهہ
ڪلي گل ٿيڻ لاءِ سين سان وڙهي پئي-آ بيچين هرپل.
بنا ڀنئور اڳ ئي سين کي تڙي پئي-لڳي پئي ڪا مومل.

◈

بدن سنگ مرمر۔اڇو ڪير جهڙو
ملائم ملائم.

هلي ڊيل وانگر۔جي ٻائي تہ هنجهڙو۔ملائم ملائم.
پڪي ڪونج ساٿي سهيلين سان سهڙو۔ملائم ملائم.
ولر سان وڃي ٿي۔ڪري ڪين ٿهڙو۔ملائم ملائم.
جي ٻولي تہ ٻهڪي نهاري تہ نينهڙو۔ملائم ملائم.
جي پازيب پائي۔هُري هانءَ هينئڙو۔ملائم ملائم.
چپن سرخ سرخي گلي ۾ آ ٻهڙو۔ملائم ملائم.
ڪلي ٿي ٻلن تي ٿو ڊمپل ٿئي ننيڙو۔ملائم ملائم.
نگاهون نچاور ڪري ننگ نگڙو۔ملائم ملائم.
حفن پيار جو ڏي پلئہ پرت پلڙو۔ملائم ملائم.

◈





ليلان ايڏي سادي نہ ٿين ها چڱو هو
ندامت جو سودو.

اِهو هار ليلان چڏين ها چڱو هو۔ندامت جو سودو.
چنيسر ڪيو عشق تو سان چڱو هو۔ندامت جو سودو.
چنيسر جو دل ۾ رهڻ ئي چڱو هو۔ندامت جو سودو.
تو جلدي سنڀاليو اهو ٻيي چڱو هو۔ندامت جو سودو.
ٻنهي جو ملڻ پو سپن ڪان چڱو هو۔ندامت جو سودو.

◈

راڻو اوچتو رات مومل ڏي آيو،
صفا هن جا ٿي ويا،
انا عقل ساڻا.
چون ٿا هو ڏاهو عقل جو هو پايو، نہ پر ڪيئين اياڻا.
عقل هوشمندي نہ ادراڪ آيو، خيال ها پراڻا.
چون ٿا تہ حاڪم ذهين هو سوايو، هو بيزار پاڻا.
عقل ۾ اجايو اڪابر نہ پانيو، سچاڻي نہ ٿاڻا.
راڻي عشق ڪي هي هو سمجهي هلايو، تہ آهن اباڻا.
محبت تہ مومل جي من کي تپايو، پي ڪاهل جا ماڻا.
نجو نيهن ناري يقيناً نپايو، نہ شعلا اُجهاڻا.
راڻو پيي هو ماڻهو اهو ڪي پڌايو، انا جي ڪا ڪاڻ آ.
حفن هن ڪي پنهنجي عقل ئي منجهايو، نہ سمجهيو ڪي ماڻا.

◈






بهارُن جي مد ۾-هجن شل بهارون
هُجن مور ماڻا.
ٿڙن ڳل ڳاڙها.
هُجن حسن واران-ٻيون نرمل نهارون-هُجن مور ماڻا.
جهلي جهول جهومن-جهومائن جهنارون-هُجن مور ماڻا.
پچايو آ بوندن ۾ لڳڙن جون لاڙون-هُجن مور ماڻا.
صفا مست مڪڙيون ڪنبن جو ڪُلارون-هُجن مور ماڻا.
وڻن شو وغل سان هي قربي قطارون-هُجن مور ماڻا.
محبت جي مستي جوانيءَ جون جاڙون-هُجن مور ماڻا.
پريمين پُچايون پرن جو پچارون-هُجن مور ماڻا.
لڪي ڏس تہ چوريون لڳن پيون خُماريون-هُجن مور ماڻا.
خوشيءَ جو ڪِلڻ ۾ آ ٿهڪن ٽڪارون-هُجن مور ماڻا.
ڏسو ڊيل ڊوڙون ڏسو مور آرون-هُجن مور ماڻا.

◈

# رباعيون



دَمِ ديدار مي رقصم



تون ويڻ وطن-متان وسارين اي حفن
هر پل تون ذهن ۾ رک هي مفهوم ضمن
مضمون وسارجان نہ تفهيم عقل
ملعون نہ ٿي وڃي-تنهنجو گورڪفن.

◈

آڪاش شڪر گذار مان تنهنجو مدام
بلڪل تو ڏنو جو مون کي گهربو هو تمام
ليڪن نہ ڇڏي وڃي ها جي پنهنجي وطن کي
اي ڪاش وطن ۾ ڪل ڪري ها جي قيام.

◈

احسان جو آيو بزم ۾ بار سريلو
وينو تہ لڳو مور آ محفل جو هتيلو
درشن تہ ڪرايائين اِها هُن جي عنايت
ڪهڙي بہ شڪل ۾ ٿو ڪري وصل جو هيلو.

◈

حيران ٿئيس صنم تہ مرڳوئي عجب هو
آيو تہ هو اوچتو مگر چهرو غضب هو
ابهام ۾ تاثرات بنجي ويا ڳجهارت
معلوم اِهو ئي ٿيو تہ مدهوشي سبب هو

◈

محبوب زبان سان تہ انڪار ڪريٿو
آغوش حجاب ۾ ئي اقرار ڪريٿو
اقرار هميش شرم و حيا جي قيد ۾ آ
محجوب نگاہ سان ٻي هاڪار ڪريٿو.

◈





موصوف جوان ٿيو تہ جوهر بہ اچي ويو
محبوب نگاہ ۾ تہ جوهر بہ لهي ويو
ايڏو تہ پچايائين جو ڪُندن پيي ٿو سڏجي
مرڪوز نگاہ قلب پارس پيي ٿهي ويو.

◈

نرمل تہ اچي اگهڻ تي آ شان وڌايو
احسان عجيب جو-آ پنهنجو نہ پرايو
هيٺان تہ عقل ۽ فهم ۾ هئاسين اڳيئي
پرين تہ اچي پريم جو سامان سجايو.

◈

سڀ ڪو ٿو چوي گهڻو جو پڙهيو سو اڪابر
مونڊا جي تہ فلم ڏس-اهي انسان پاڪر
پڙهجي تہ پرائجي بہ ورنہ دگ ڇڏي ڏي
ادراڪ تہ ڪوڙ پر-عقل ٿس نالي ماتر

◈

فطرت جو مذاق ڏس-اميدن جي آ قاتل
ڪشتي تہ ڏکي مون نيهن سان مليو نہ ساحل
محنت مون يقين سان لڳاتار ڪئي ليڪن
مطلوب عُروج مون کي ٿيو ڪين ڪي حاصل.

◈

مقبول هجن رهن مساجد ۾ فقيها
سيڪاري ڇڏين زندگي جا سليقا
آ دين وسيع مذهبي فرقي منجهايو
اڄ ڪاش فقيہ ڪو ولي پاڻ هجي ها

◈

عالم تہ علم عمل جي باري ۾ چوي ٿو
علماءَ فقيھہ پي ساڳي ڳالھہ ڪري ٿو
عامل نھھجي علم جو ڄاڻو پو ڪبو ڇا
ادراڪ عقل پو دين جو روح چري ٿو

◈

عاشق تہ رڳو ٿو عشق ۾ تقليد سيڪاري
عاشق ۾ ادا نہ رنگ سھڻن ڪي پچاري
عاشق ۾ تہ عشق جي فقط بينائي پريل
عاشق تہ اھو انڌو جو معشوق نھاري.

◈

مخلوق خدا جي پي-عجيب آھي ئي يارو
بيھوش بنا عقل نہ ادراڪ سھارو
النسان عقل جي جاندار آه نشاني
دنيا ڪي ڪري سوڙھو-بناياڻينس ڪارو.

◈

سوچيان ٿو اگر ھي عشق جڳ ۾ نہ ھجي ھا
ھڪ خاص خلا جنم يقينن تہ وٺي ھا
مضمون علم عقل سيئي پل تہ ھجن پر
شايد ڪائنات جو وجود ئي نہ ھجي ھا.

◈

سوچيان ٿو علم عمل سيئي گڏ ٿي رھن ھا
ادراڪ عقل ٿيو عشق مقلد بہ ملن ھا
ماڻھو تہ ھتي نہ ڏسجي ھا عام ڪٿي پي.
انبياءُ رڳو نگاه حيرت ۾ ھجن ھا.

◈





خيال آھي گھڻن جو ھي-قيامت چو تہ ٿيندي
ماڻھو تہ جمي مري-قيامت چو تہ ٿيندي
انصاف سڀن مليو-يا ھن طرح يا ھُن طرح
مقصد بہ اھو ئي آ-قيامت چو تہ ٿيندي.

◈

مخلوق خدا جي پڌ-صفا سھڻي وضاحت
ٿاڻو تہ نقل آ ھت-آ مظلوم لئہ آٿت
ھر جرم عقل صفا-قيامت جي نشاني
دنيا جي عدالتي نظامن ۾ آ قيامت.

◈

دردن جي دوا ٿو سمجھان دوستن ڪي اي ناصح
تڪليف ڏسي اُتي ئي پھچن ٿا سي صالح
پيگوان اگر نہ آ-تہ چاھي دوستي پو
ڇا جڳ ۾ رھي سگھي ٿو بن دوست جي فاتح.

◈

ساجد تہ سجود سان سچي دلڙي رکي ٿو
زاھد بہ تہ عبديت رياضت ۾ اچي ٿو
ليڪن ڪو جھان ڪي سخاوت سان ھلائي
بيشڪ ڪو عدالتن ۾ انصاف ڪري ٿو.

◈

خاموش جي ٿيان نہ ھا تہ دل روئي وجھي ھا
احسان تہ ياد ڪو نہ ھو تن ڇا ڪجي ھا
محفوظ ھميش پنھنجي خودي ڪي رکيو مون
مقروب جي سامھان-پلا ڇا تہ ڪجي ھا.

◈

24

آڪاش هميش ڪان-سدا دل جي پڏي آ
روئي جو چيم تہ دل-الاهي مون وڏي آ
ڪيڏا نہ وڏا معاملا معمولي ٿي ويا
مالڪ جا وڏا ڪرم جو هر ڳالهہ سڌي.

ايڏو هي جهان آ-ايامن ڪان هلي پيو
ڪيڏو نہ حسين آ-جو سهڻن سان نهي پيو
دنيا ڪي نہ پاڻ ڪنهن-چيو الوداع آهي
سمجهو تہ سهي هتي ئي انسان رهي ٿو.

سهڻي تہ ڏسڻ ۾ آ-مگر هوڏ وڏي تس
مرڪي تہ اڇي بہ ٿي-مگر لوڏ مڏي تس
موتي بہ تہ توتي پيي-وري ڪوٽ اندر ۾
ديوار نياڳ جي-اها اوڏ اڏي تس.

ڪنهن يار چيو تہ-معاف غلطي ٿي وڃي
محسوس ڪجي مگر-شڪايت نہ ڏجي
رندن جو تہ مان غلام اِبنِ اسلاف آن
بيظرف جي ٿو ڪري-پو ان کي ڇا ڪجي.

دعوا نہ ڪجي علم عقل سمجهہ ڏرم جي
مڪتوب فڪر عمل ڪبي بات قلم جي
محسوس ڪجي ڪڏهہ ڪنهن جي بہ ڪا خامي
خاموش رهين اگر اها بات پرم جي.





ڇاڪاڻ چوين ٿو ڪم-منهنجا دوست اڇن ٿا
بلڪل آ معاوضو ڏنو مون جو گهرن ٿا
ليڪن ٿو لڳي تو تاري چڙيو آ اُنهن کي
حاسد تہ لڪي ڪڏهہ کي ڪم اهڙا بہ ڪن ٿا.

محبوب تہ سونهن عشق جي چار ٿو سمجهي
چاهت سين ڏسن ٿا تن کي بيمار ٿو سمجهي
صورت تہ خدا جي آ-اسان ان کي ڏنو آ
شايد هو اسان کي پي-گرفتار ٿو سمجهي.

مخمور نگاهہ ۾ ڪو نئون نيهن ٿو ڏسجي
پرپور ادا جي رنگ ۾ مينهن ٿو ڏسجي
اڪڙن ۾ نشو بدن ۾ انگڙائي بلا جي
شباب آ دل فگار اڄ شينهن ٿو ڏسجي.

اڄ يار گلن کي ڏس-صفا تازا ٿيا هن
ڏس تار لمي لڏي ٿو گلڙا بہ جوان هن
خوش رنگ ڪلي بہ آ تہ گلڙا بہ گلابي
هر پل تلندا رهن هي شاخن ۾ سناهن.

هر شاخ گلاب جي-لڳي سهڻي گلن سان
مجبور ڪو باغبان-چني گلڙا هٿن سان
ڏس شاخ بہ گل بہ ڏس-لڳي ٿو ڪو ويرانو
شامل ٿيو گلاب ٿي سڄو ڪڙم خوشين سان.

هر شاخ گلاب جي-لڳي سهڻي گلن سان
مجبور ڪو باغبان -چني گلڙا هٿن سان
هت شاخ بہ نا اميد ناهي ۽ ٽڙي پئي
ميلاپ ڪلي جو ٿيندو-پيهر وري هن سان.

◈

نظرن تہ لڪي سڪي ڏنو چهرو يار
پهرين تہ ڪليءَ ٽڙي ڏنو پهرو يار
گلڙن جو بہ هار زلف بن ڏار ناه
مدهوش ٿي خلق ڪل-ڏسي سهرو يار.

◈

محبوب ڪلي چيو مون سان يار مل
گلشن تہ اچي ڪيو تو گلزار گل
بينور جهان ۾ مرده ماڻهو تہ ڏس
آغوش ۾ پنهن جي مون ڪي هڪبار جهل.

◈

نادم ٿي چيائين درگذر سَهوَ ٿئي
اخلاق چيو وري شڪايت نہ ٿئي
رندن جو تہ مان-غلام اِبنِ اسلاف آن
بيظرف هجي تہ ان جو ڪهڙو مان ٿئي.

◈

هر ڪنهن کي تون گلم تي ويهارين ٿو ڇو
اخلاق حريف ڏي نهارين ٿو ڇو
ڪاش اي سيکارين ها ڪا تهذيب ڪنهن
مهذب ٿي تون مفلسن کي مارين ٿو ڇو

◈



دَمِ ديدار ميں رقصم

ايڏو تہ بخيل مون ڏنو ناه صفا
تعجب ٿو لڳي تہ ٿيو سياڻو خفا
اسباب جي اثباتي هجن پو ٺيڪ آ
ليڪن نہ سچاتو هن پرم کي بيوفا.

◈

انسان نٿو مڃي جي احسان تہ ڇا ٿيو
احسان فراموش آهي شيطان تہ ڇا ٿيو
پونم تہ پني ڏني آ چانڊاڻ سڙي پو
مردار دلين ۾ ناهي ايمان تہ ڇا ٿيو.

◈

پاڙين تون متان انهن جي مردار ذهن تي
معمول وزن بہ تون نہ رکجان ڪو هنن تي
گهوڙي جي ڪهاڻي آهي غازي جي ڪهاڙي
کودي کي پلا ڪهڙو ڏبو بار ڪلهن تي.

◈

آسان جي زندگي هجي ها جانِ من
چڪلن ۾ نہ پار وڪامي ها ڪوئن
ايمان وڪامي ۽ نہ محنت ڪري ڪو
دنيا تہ رڳو نفي-آهي ايمان بن

◈

مذهب جو پڄاري هو اشوڪا بادشا
دنيا ۾ نفي ڏسي ٿيو راهب پارسا
سلطان امن ڏنو ۽ ٿيو گوشہ نشين
تاريخ ڏنو مثال ناهي بارها.

◈

ديدار نصيب ٿيو-ويھاري مون کي پر ۾
ڏوراپو ڏنائين پو چيائين پنھنجي پر ۾
عامل جو عمل جي صاف آ لخت جگر پو
فردوس برين مکان ٿيو تنھنجي سمر ۾.

◈

مرشد جو مريد حکم تبديل ۾ آيو
تحکم جي اندر مقام تعميل ۾ آيو
ورثہ تہ گناہ آه انسان جو ھر پل
احسان! گناہ اچ کان تعطيل ۾ آيو

◈

صورت ۽ دماغ تي ڏاڍو غور ڪيو مون
مرغوب جو قول فعل پڻ تور ڪيو مون
رَسمَن تہ رُسي بہ پو وري پيار ۾ پرچي
زهريلي لُندي لڳي جنھن کي مور ڪيو مون.

◈

صورت ڪا ڪنھن وقت ۾-مون کي ڏاڍي وڻي هئي
عادت بہ چگيرڙي-وري سونھن ڪٽي هئي
آئيني جي پٺ لڳي-وري ڪاري ڪوجھي پو
بسمل نہ ڪري ها جي محبت جي ڏٽي هئي

◈

عاشق جي نگاه ۾-نشو آه يا ناھي.
ھن جي بيقراري ۾-نشو آه يا ناھي
عاقل ٿا چون تہ حسن تڪبر جو نشو آ
گلشن ۾ جوان پونئرو-نشو آه يا ناھي.

◈



دَمِ ديدار ميِ رقصم

مسجد نہ مندر نہ گرجا ڪا يار ڏني هئي
مخدوم ۽ پير شاھہ جي ٽولي ڪني هئي
مفلس تہ صفا پري هو محلات خدا کان
شايد هو رُنو اندر ۾ ڪا دانھن اُني هئي

◈

دورانِ نگاه يار احساس ڏياريو
مدهوش نہ ٿيو نہ اهڙي ديدن سان نھاريو
انگور جو رس صراحي ۾ باقي نہ رهيو
ڪيچل نہ ڪيو جولان جبلت نہ اُپاريو

◈

تارڻ جو انداز ڏس-اُماٽي ٿو انھي ڏي
جنکي نہ ڏنم اڳي پو وجبو ڪيئين اُنھي ڏي
محبوب تہ پاڻ کي اسان کان ٿو نٽائي
دلبر کي چڏي نہ وجبو ائين يار انھي ڏي

◈

شايد نہ ڪتي ڪو امتحان منھنجو ٿو وٺي هو
محتاط ٿيو متان منجھائي نہ چڏي هو
معشوق ڪنھن رنگ ۾-توازن بہ ڏسن ٿا
منظور نہ آ تہ ائين-ڦتائين پو ڦتي هُو.

◈

آغوش ۾ يار جي-مزو ڪو نہ قضا ٿيو
پُرباش وصال اچ زبردست وفا ٿيو
سيني سين لڳائي يار کي مدهوش ٿي ويس
ڪو هوش نہ هو تہ يار جي پيارم چا ٿيو.

◈

واعده تہ وفا ڪبا مگر پيارسين پيارا
ڪھڙا تہ ڏتا ڏبا جگر يار ڪي پيارا
دليون جي ڏجن تہ جان آ چيز پو ڪھڙي
گلزار گلن ۾ ٻي رهن خار ٿا نيارا

◈

غلطان غمن ۾ هو-غمن ۾ چُور هو.
مايوس بنا سبب سين لئہ سور هو
پاسو تہ اڃا بہ هو-ڏسي ها جي پويان
خوشين سين زمانو ساروئي پرپور هو.

◈

چپ چاپ هري هري هو محفل مان اُٿي ويو
ڪا ٻڙڪ نہ ٿي هو چو تہ هن طرح هلي ويو
جامن ۾ پيڙا هجي اها اوربي آهي
هو قلب فگار ڪي نہ سمجھي چو رُسي ويو.

◈

مان چو تہ جنم وتو-ٻڌائي تہ سهي
ڪھڙو تہ منگل ڪندس سڻائي تہ سهي
ڪيڏو بہ رهان مگر صدين جي ئي اندر
واپس تہ ٿبو پلا نٽائي تہ سهي.

◈

نادان نہ نيھن ڪن-نيڪي نيھن سمجھن
مزرو بہ وڏو وٺن-مگر پو بہ ڪُرڪن
ڏوڪڙ تہ گھنا هجن-ٻي پرواه ناهي
اهڙن جون لڇون بہ يار غيرن تي هر ڪن.

◈





انسان سوين ڏٿا مون دولت جا پڄاري
ڏاها بہ وڏا ڏٺم-مگر ها سپ مداري
معيار اولاد زال غيرت نہ ٻي ڪاشيءِ
بنگلو گاڏي جي ملي-قبول آهي خواري.

◈

جاهل ڪي تون علم اون سان سيڪار پلي
ڪاهل جو دماغ بابڙا پائي تہ هلي
آخر تہ وڏو ٿي ڊوڙ پائيندو بہ ڪڏه
بيشڪ هو سڪي ويندو علم جي واڳ جهلي.

◈

تهذيب علم جو منطقي شاهہ ڪار آه
تعليم بنا بهادري سپ بيڪار آه
ترتيب سليقو زندگي يار اٿئي
تهذيب و تمدن ئي-سپن جو سردار آه.

◈

ڏاڍائي ڪرين ٿو پل ڪري وٺ اي سڪي
محبوب ائين نہ ڪر ڪني ڳالهہ رکي
ڪولي تہ قفس ڪي ڏس-تہ ڇا قيد چو ڪٿي
هڪ قيد رڳو ضمير جو ئي آه پڪي.

◈

دوزخ نہ جنت ڪپي-نمازي ٿا چون
تڪليف فجر نماز ۾ سپ ٿا مڃن
باقي جي نمازون هن انهن ڪي منهن ڏبو
پر يار عشا نماز جي مهل آ ڪٽن.

◈

سامهون ڪو هلي آيو تہ چا ٿي پيو صنم
جيڪر هو گلي اچي مليو مي چہ ڪنم
سهڻا تہ هميشہ ٿي پسند هن انسان کي
پابندي نہ مڙه ملڻ جلڻ کي ڪر نہ عدم.

◈

فرمان عمل سجود ارواح ٿيو نازل
انڪار ڪري چڙهيو عروج اعزاز زائل
اسرار هو در جو عشق جو مسجود کي ڏيو
احڪام خدا جو ڏس سخا اُن ۾ آ شامل.

◈

سردار جو سر ڏسو-متو ڪيڏو وڏو آ
ممتاز محل کي ڏس-قبو ڪيڏو وڏو آ
ممتاز تہ پڪ ناهي-مگر پيو ڪجهہ بہ ناهي
سوچڻ جو مقام فرسودو ڪيڏو وڏو آ.

◈

اوصاف جي قلب ۾ ڪي روح روان ڏسو
تصوف جي اوشن ۾ ايڏا عوطہ نوان ڏسو
تصوف تہ اها چيز آ جا خود خودي ۾ رهي
صوفي تہ حلاج هو اجا ڪو جوان ڏسو

◈

ها حال بہ اوري ٿو مگر جلدي جلدي
ها مال بہ سوري ٿو مگر جلدي جلدي
بزدل تہ نٿو لڳي-اجا اڳيان ويندو
مرضي سان ئي چوري ٿو مگر جلدي جلدي.

◈





حيرت تہ لڳي مگر پو مزڙو ڏاڍو آيو
فرقان ڏسيو مون پڙهيو توجہ سان سجايو
ممبر تي نظارو هو جنت جو مگر هو نہ هو اُت
تعريف جي صدقي بندو فردوس پڇايو.

◈

هر رات صبح صبا ٿين ٿا نہ ٿو سمجهي
دشوار ڪي مرحلا ٿين ٿا نہ ٿو سمجهي
دنيا ۾ تہ عام جاندار آهن رهندڙ
دنيا جا بہ سلسلا ٿين ٿا نٿو سمجهي.

◈

عورت جو قدر ڪرڻ مفادن ۾ آ تنهنجي
وارث آه تنهنجو جو پليو هنجن ۾ هنجي
انسان ٿي سمجهين هن جو احسان آ توتي
ورنہ هي جهان اڳيئي حوالي آه رن جي.

◈

ڏاها ٿا چون تہ يار عورت کي قلم ڏيو
تعليم و تربيت ۽ تهذيب ڌرم ڏيو
سرتاج جي دل ۾ ڏس-اها ڪيئن ٿي رهي پو
ورنہ هي جُتي جو ڪوڪو آ جي ائين جنم ڏيو.

◈

اندر ۾ آڙاه آ ۽ ظاهر ۾ زماني
گوهر کي تہ جوهري سجاڻي بآساني
ڳجهہ ڳوه پيي راز-وائکو چو ڪجي هر هنڌ
هر ڪو تہ پلا نہ سمجهي ڪمڙي آ ڪماني.

◈

سپنا بہ ستا ڏسو۔تہ تعبير ستي ٿئي
دنيا بہ رڳو جهنجهٽ تہ ناهي جو مٽي ٿئي
ادوار عجيب پر۔کي موقعہ بہ ملن ٿا
مالڪ ۾ اميد رک چڱائي جي چڱي ٿئي.

◈

مايوس نہ ٿي نہ آسرو لاھ آسروند
لاھا تہ ڪڏھ چاڙھا۔ڪڏھ واھ مرئي بند
مضبوط پلاند جهل۔اِهي لوڏا لمان اٿئي
منزل تہ اجها آئي۔اُچل اندر جو سپ گند.

◈

جيون ۾ سکون دل جو تاثير ڏسنداسين
سپنن جو سچو پريمي تعبير ڏسنداسين
مرکن سان نگاھ يار گهيرو ڪيو دل تي
عاشق جي ڦِٽي جُڙي ڪا تقدير ڏسنداسين.

◈

اخلاق بلند جن جو اوچو ڳاٽ تن
احسان ڪندا رهن جتائڻ نہ سکن
انسان هميش ڪان سودائي تہ رهيو آ
بدلو نہ گهرن رڳو ڏسندي پيا ٿرن.

◈

ساقي جي پري ڏي جام دنيا کي ڇڏي پي
مخمور نگاھہ مان خمارن کي پري پي
معشوق جي رمز شوق دل کي جي اُپاري
آغوش ۾ پي ڳلن کي۔پستان جهلي پي.

◈



ڏَمِ ديدار ميِ رقصم

ساجهہ تہ هميش هوش ۾ ئي تہ پلي ٿي
جن راھ ڇڏي حيات ڪل تن جي ڪلي ٿي
بيراھ روي هميش ڪاهي ۾ ڪيرائي
ڏاهپ تہ مدام اهڙائي سور سلي ٿي.

◈

احسان مند خدا چاڻي ٿو بي پِتاهن
النسان نرم ڏنم طلب مهل ڪُتاهِن
انسان جي جوڙجڪ مفادن تي پڌل آ
احسان فراموش هٿ هزارين مون ڏٺاهن.

◈

معشوق تہ بيقرار آ۔عاشق جي عدم ٿيو
تعريف جي بک لٿي جي عاشق جو جنم ٿيو
محبوب جي حب ۾ ناهي۔محبوب پو ڇا جو
عاشق جو هجڻ صنم لئہ ڇڻ پهريون قدم ٿيو.


◈

مايوس هو سونهن جو ڪو سالار غضب ۾
عاشق تہ ڪو عشق لئہ هو سهڻن جي طلب ۾
محبوب انا پرست ساراھ ٿو طلبي
عاشق ڪو هجي وٺي جو محبوب کي حب ۾.

◈

هر روز ٿي شام۔ ٿئي انعام آھ يقينن
ڪنهن روز نہ شام ٿي۔ايمان آھ يقينن
هر ڪو ٿو هتي چاڻي۔تہ هلڻو آجهان مان
بس جلد ٿي شام ڪا ڪچهري ٿي يقينن.

◈







# غزل

فعولن فعولن فعولن فعولن

سفر زندگي جو ڪرڻ چو ڏکيو آ.
اميدون چو ايڏيون مرڻ چو ڏکيو آ.

جسارت ڪرين گر۔نہ مشڪل آ مشڪل
جنم هو اڪيلو۔جيئڻ چو ڏکيو آ.

ڪروڙين طبعيت جا مالڪ رهن ٿا
تون خود سان ٿي مخلص رهڻ چو ڏکيو آ.

خطائون ڪنداسين اها ڳالهہ چڏ تون
توڪل سين صدمان سهڻ چو ڏکيو آ.

ڪروڙين هي ماڻهو لکين انبياءُ ڏس
چڱو ڪر برا ڪم چڏڻ چو ڏکيو آ.

گناهن جي جهرمٽ جي تڙپائي تو ڪي
ضمير آهي زنده۔هلڻ چو ڏکيو آ.

نتائين ٿو قانون هر هر ٻڌائي
علم رک عقل سان چوڻ چو ڏکيو آ.

اٿم عارضہ ڪو۔ڏکيا ڪم نہ ٿيندا
پنهنجي جاءِ خود ئي وڃڻ چو ڏکيو آ.





زمانو تہ پنهنجي ئي رفتار ۾ آ
ڪري وٺ تون جلدي۔ هلڻ چو ڏکيو آ.

زماني جي رنڌڪ نہ محسوس ڪر تون
تون ٿوڪر هٽي هل۔هلڻ چو ڏکيو آ.

تو انسان ڪهڙا ڏنا ڪيترا هن
تون مردار سپ چڏ۔چڏڻ چو ڏکيو آ.

ڪي حاسد ڪي فاسق ڪي منڪر ڪي ملحد
سين ڪي چڏي ڏي چڏڻ چو ڏکيو آ.

اصل ڪا ڪهاڻي تون وينين وساري
مسافر ڪي منزل هلڻ چو ڏکيو آ.

اي مدهوش آئين تہ پرباش هئين تون
رڳو چار گهنتا۔اٿڻ چو ڏکيو آ.

گهڙي سوچ پنهنجي عمر گهٽ صدي ڪان
صدي جي اندر ئي هلڻ چو ڏکيو آ.

جي زنده تون آهين ڪجان معاف دلبر
وصال صنم آن۔ملڻ چو ڏکيو آ.

حفن هي حفيظ آ حفي پي سڏن ٿا
حفي ڪي حفن پو سڏڻ چو ڏکيو آ.

◈

فعولن فعولن فعولن فعولن

ملان مان نہ آهيان نہ ڪي يار ساڏو
نہ ڪي مان ڪتل آن نہ ڪي يار واڏو

عجب ئي عجب آ۔لڳن ٿي لڳي وئي
هٿن سان هٽي وئي وري يار ماڏو.

طبع انفرادي لڳي ڪا نہ ڪنهن سان
مڙي وئي ملڻ ڪان۔ڏسي يار ڪانڌو.

نہ آيو اڳي هو نہ هاڻي ڪو ايندو
رهان منتظر ڇو۔ڪري ڪير جادو.

نہ ڪي سور سهجي نہ ڪي پور پئجي
ملي ڪو ملي پل۔نہ تادي نہ تادو.

اسان پي ڏٺو آ۔هنن پي ڏٺو آ
نہ آ هوڪو بابو نہ مان آهيان بابو.

امين آ امن ۾ اچي ويو هميشہ
نہ ڪي قرب ڪنهن سان رڳو هو تہ نازو.

نوافل پڙهي پيو۔تہ ميلاپ ٿئي ڪو
مگر يار هاڻي۔ٿبو ڪين قابو.

نہ ڪائڻ جي عادت۔آ ايڏي اسان ۾
نہ ڪا ڇهري چيز آ۔نہ ڪي حلوه چاپو.





جهڪيو ڪين ڪنهن ڏي اجايو نہ جهڪيو
توڪل جي ترهي۔چڙهيو آ ديوانو.

حسد ۾ فسد ۾۔رڳو آ آ فسق ۾
جهد آهي وزش ۾ ڳوڙهو خزانو.

نہ ڪي گوڙ سهٽا۔نہ ڪي موڙ سهٽا
چڱو ٿيو جو ٿي ويو۔پڌان ڇو مان تانو.

ٿو هر هر پياري غصو غم جو پاڻي
وري ڪين پيبو۔خراب آ مشانو.

اسان تي رڳو فرض رشتن جو آهي
هتي ڏاريان پي۔رڳو ٻاڙدانو.

اول هو عجب هو۔هينئر پي عجب آ
نہ ڪي راڳ هُن ۾ نہ ڪي سُر نہ ڳانو.

ڏٺي ڪائنات آ۔اشارن ۾ ساري
نہ ظاهر جي ياري نہ باطن جو يارو.

نہ دولت نہ شهرت عياشي ٻہ ڪهڙي
رڳو حرص يارو۔ڪري ٿو بيگانو.

رڳو آسرن ۾ هلون پيا جهان ۾
عجب هي جهان آ۔عجب هي زمانو.

فقط دين دنيا تهان آخرت پو
سڄو هي آ منڊيل فقط هڪ فسانو.

نہ ڪي حسن ساحل نہ ڪي عشق عاقل
نہ ڪي عقل عادل۔چوي ٿو لڪانو.

عزت آ خدا جي۔خدا لئہ عزت آ
محبت ۽ محنت عزت آهي جانو.

پراڻا پهاڪا پراڻا زمانہ
عجب يار هئا ڪي۔عجب ڪارخانو.

چوان ٿو ڪيانتو چڱو پڻ ڪيانتو
اڪيلو مان ناهيان اندر ۾ ڪو آمون.

هُنن ڇا پئي سمجهو۔اسان ڇا پئي سمجهيو
خبر ڪين ڪائي۔جتي ڇئو هلانتو.

اميدون اجايون وڏا خواب سپنا
نہ هُو هو نہ هي آ۔ رڳوا راز راڻو.

اسان جو جياپو آ فلمي ڪريڪٽر
سچي آ ڪهاڻي عجب آ ڊرامون.

سئاها۔ڏنا ڀي۔هئا ڇا۔الائي
وري غور ڪيڙو۔نہ سمجهيو اياڻو

حفن ڏينهن هڪڙي فنا تون بہ ٿيندي
قبر شل هجي تو۔ولي آستانو.

◈



دَمِ ديدار مي رقصم

فعولن فعولن فعولن فعولن

آ ناري نہ ڪنهن سان ڪڏه پرت پاڙي
متو ٻول ڪهڙو۔رڳو آهي ٻاڙي

نہ ڪا بردباري نہ ڪا دل نوازي۔
رڳو هلڪڙائي وچولي يا لاڙي.

ڏسي هلڪڙائي۔دڪي دل هميشہ۔
سڄو وقت هن جي لڳي پئي آڄاڙي.

وڻي ٿي مگر دل ۾ ٿم پيار ٿورو۔
لڳي ٿو تہ شايد۔اها آ بيپاڙي.

جي اظهار الفت ڪيو مون جڏه ڀي۔
تڏه مون لڳو آهي ٻڪري پهاڙي.

پسند پيار کان گهٽ آ احساس دل جو۔
سڪون دل جو بلڪل وچي ٿو ڏهاڙي.

نہ رمزو نہ غمزو رڳو نيم نخرو۔
نہ سهڻي نہ ساهڙ رڳو منهن مهاڙي.

عجب محل آهي وٺي کو وچي ٿو۔
خيالن جو قيدي هميشہ اناڙي.

رڳو جسم سهڻو۔مگر سمجھہ ٿوري۔
پو کهڙي تہ عاشق جي ٿيندي پچاڙي

ملي ٿي جڏه پي گهري پيار ۾ سپ۔
چوي ٿي تہ مون کي جوڙائي ڏي ماڙي.

کڏه خيال کهڙا۔کڏه حال کهڙا۔
اُتي ئي اچانڪ۔وڃائي ٿي تاڙي.

اچانڪ کو جهيڙو۔کڏڏه کنهن سان ٿي پيو۔
اُتي ئي ٿي سمجهي تہ آ مڙس پاڙي

پلي راز کهڙو بہ هن کي ٻڌائي۔
ڏکڻ جي خبر چا۔صفا آ اُگهاڙي.

اچي خيال هن کي هل ٿي وچي هي۔
ڏسي ٿي نہ واڙو نکا کائي واڙي.





پلا کير چوندو عزت وارو هنکي۔
نکا سيند ثابت۔نکا ٿس کاڏاڙهي.

وفا جو ڀروسو کيو جنهن بہ هن تي۔
وفا هن جي اهڙي آ جهڙي کهاڙي.

ستي ڳالهہ مردن جڏه پي ٻڌائي۔
بہ پيري ٻڌي پو۔سڄي سا بگاڙي.

کڏه تو ٻڌو آ۔نبي ٿي آ ناري۔
هي ماڻهو جي صورت ۾ آهي بگهاڙي.

هزارين تون ديوان هن تي لکين چڏ۔
مگر هر ستي شي آ هن ئي اُجاڙي.

حفن يار سادو چا پولو بہ آن تون۔
تڙائي پو آدم جي دلڙي بہ ساڙي.

◈

فعولن فعولن فعولن فعولن

ڪري هلڪڙائي-تون عالي نه ٿيندين.
ڪري نفرتون پو-غزالي نه ٿيندين.

نه ڪو نيهن سمجهين-نه اعزاز ڪوئي
چڱي ڪم بنا تون-مثالي نه ٿيندين.

برن ۾ ڪنن ڪي-ٿو سمجهين اُصولي
چڱن جو مددگار-مالي نه ٿيندين.

رکو خود ثنائي-۾ ورتل جي هوندين
گناهن کان بلڪل-تون خالي نه ٿيندين.

محبت شرافت ادب ۽ سچائي
ڪڏه ڀي تون حاذق حلالي نه ٿيندين.

خدا سونهن تو کي ڏني آ شڪر ڪر
تون سيرت بنا هٿ-ڪا بالي نه ٿيندين.



دَمِ ديدار مي رقصم

اُهو علم ڪهڙو-عمل جنهنجو ناهي
وڏي مرتبي وارو-والي نه ٿيندين.

برن سان ڀلائي ڪرڻ ڪم چڱو آ
چڱي ڪم بنا تون-ڀلالي نه ٿيندين.

رکو جام پنهنجو-ڀري پي وڃي ٿو
ڇڏي رند ساٿي-ڪلالي نه ٿيندين.

رکو آسرن تي حياتي گذارڻ
سوا پنهنجي محنت-ڪمالي نه ٿيندين.

اجائي حياتي گذاري نه ڇڏجان
ٻين جي ڪلهن تي-پخالي نه ٿيندين.

حفن کي ٻڌائي-ٿيڻ چاتو چاهين.
مقالا لکڻ بن-مقالي نه ٿيندين.

◈

**فعولن فعولن فعولن فعولن**

مـحـبـت جـي پـاڪ آ۔تـہ عـاشـق ولـي آ
گلن ۾ جا خوشبو۔اگر ڪنهن جهلي آ

اگـر فـرج سـالـم۔سـراسـر هـلـي پـيـو
تـہ هـر چـيـز ان ۾۔بـرابـر پـلـي آ.

صُـراحـي شـرابـن سـان مـعـمـور آهـي
انـگـوري آ رنـگـت انـگـوري ڪـلـي آ.

جي ڪـمـرو بہ نئون آ۔۽ روشن بہ آهي
پو سـمـجـهـو ڏيـئـي ۾ نـئـي وٽ جـلـي آ.

بـغـل ۾ جـي وَرَ جـي۔سُـهـاڳـڻ سـتـل آ
گـلـن سـان سـجـايـل سـا عـالـي رَلـي آ.

قمر چوڏهين جون۔ٽـڏو ڏيـنهن ڏسجي
انـدر ۾ ڪـا هـلـڪـي۔هـوا جـڻ هـلـي آ.

آ تـاريـخ پـهـريـن۔آ مـس چـنـڊ اپـريـو
ريـڪـا چـنـڊ جـهـڙي پـڌائـڻ هـلـي آ





صـبـح جـي صـبـا م گـلـن جـو ٽـڙڻ ڏس
گـلـن جـي آ خـوشـبـو۔سـپـن ڪـان پـلـي آ.

اچـانـڪ آ آڏي۔اٿـاري چـڏيـو مـون
فضـا راز هـي ڳـالـهـڙي ڪـا سـلـي آ.

جهڙن ۾ هي چنڊڙو۔لڪي پيو تڪي پيو
فضـا ۾ آ راحـت۔هـوا پـي ڪـلـي آ.

هي سجڙو لڪي رات ڪي جڻ سڏي پيو
اٿـئـي شـام ٿـي وئـي پِـرن سـان مـلـي آ.

اهو وصل پهريون جو محبوب سان ٿيو
اهـو شـهـر سـهـڻـو اهـائـي گـلـي آ.

نـگـاه تـبـسـم۔مـٿـان سـيـنـڏ سـرمـون
ڳـلـن ۽ چـپـن جـي چـا چـر پـر چـلـي آ.

مـنـڌل هـوس مـن ۾۔مـلـڻ ڪـيـن ٿـيـنـدو
مون مشڪل سان دلڙي۔حفن ڪان پلي آ.

◈

فعولن فعولن فعولن فعولن

حسينن جو پاڙو-وساري هلي آ.
قريبن جي قربي-ڪناري هلي آ.

نہ دل جي خبر ٿن-نہ ڪي عشق تن کي
مٿي تان وزن هي-اتاري هلي آ.

مروت اٿن ڪا نہ ڪي قرب سهڻن
محبت تون اهڙي ڀهاري هلي آ.

اسان سونهن کي سهڻو ڀڳوان سمجهو
تون پوڄا ڪي من مان-مساري هلي آ.

مون ڳوليو تہ سهڻا صفا ٿورڙا هن
رڳو ڪوٽ ٿن تون-سنڀاري هلي آ.

سکن تي ٿا وڪڻن-سندن حُسن هر هنڌ
انهن کي پري ڪان-نهاري هلي آ.



دَمِ ديدار ميں رقصم

خدا حسن پنهنجو نکاريو هنن مان
ڏسي تن کي خود کي-اجاري هلي آ.

مٿان نفس پنهنجو-اُپارين اي عاشق
قفس ۾ رکي نفس ماري هلي آ.

مجاز آهي جيڪر-تہ پو ٺيڪ آهي
مزاجي تون حرڪت-پگهاري هلي آ.

وفا جون اميدون-وري حسن وارا
مٿان ٿين انهن جي پناري هلي آ.

ملي سونهن جن کي-تنين قدر کهڙو
انهن کي هميشہ-تون ٿاري هلي آ.

عقل آ نہ سمجہ آ-نہ نرمي پريمي
اها سونهن عاشق کي ڳاري هلي آ.

اگر عشق ۾ تون-جي مجبور آهين
هميشہ لئہ تنهن کي تون ٺاري هلي آ.

بگهڙ وانگي عاشق جي ڪُک ٿو ڪڍي هي
هي مجبور دل ٿو-ڏتاري هلي آ.

حسينن جي سيني-ادائن کي سمجهو
اٿئي نانگ ڦڻ ٿو-ڦلهاري هلي آ.

تونگر لئہ حسن آهي گهنگهرن جي ڇن ڇن
نچائن ٿا تن کي۔اُٿاري هلي آ.

تونگر اڇي ٿو تہ جهومي ٿو سهڻو
سڄي رات کيئن ٿو هو گهاري هلي آ.

هي خاطر نوازي۔ۃ پيو ناز نخرو
تونگر جي دلڙي ڏتاري هلي آ.

ٻنهي جو توازن کري وٺ اي عاشق
تون سهڻن جو لاڙو۔نهاري هلي آ.

جوان آ حسين آ۔مگر هو غريب آ
جي سوچين غريبن جي باري هلي آ.

امير آهي جهونو۔اٿئي سوني جهرکي
ڏسو کيئن ٿو۔بلبل اُڏاري هلي آ.

اهو رنگ رنگين دنيا جو ڏس تون
خدا کي پو خود کي تون ساري هلي آ.

هِتي حسن کهڙو۔وري عشق ڇا جو
غريبن جي دلڙي سمهاري هلي آ.

متان يار فلمي کهاڻي تون سمجهي
حقيقت مغز م ويهاري هلي آ.





مجازي محبت ۾ مدهوش رہ پل
تون اهڙي محبت کي تاري هلي آ.

سچي عشق جي هٺ۔پلي ڳالهہ کر تون
شمع عشق جي پل تون ٻاري هلي آ.

اگر انتظار آ۔وصال حسينا
پلي عشق اهڙي کي ماري هلي آ.

اگر جسم تنهنجي ضرورت آ دلبر
تہ هڪ رات اهڙي گذاري هلي آ.

اگر عشق پارس هجي ها جهان ۾
نہ پيسو کو عورت کي کاري هلي آ.

وفائون کيون تو۔جفائون کيون هن
حفن هت نہ کوئي ٿو پاري هلي آ.

◈

فعولن فعولن فعولن فعولن

چيم هڪ حسين دلربا کي تہ ڏي دل
تہ مرڪي چيائين اڪيلائي ۾ مل

چيو مانس هر ڪو ڏسي پيو پنهي کي
پڌائي ملڻ جو اي محبوب ڪو حل

لنگهي وره ڪيئن ويا مگر اي حسينا
رڳو آسرن ۾ بهانا ٿئي شامل

ملي موقعو آخر-ويو مون کي هن سان
ڪيم حال دل جو-مگر رحم هو نِل.

ستائين ٿو مون کي-مزو ٿو اچي تو
کلي پو چيائين تہ آهين تون پاگل.





نہ تنهنجي مان آهيان نہ تنهنجي مان ٿيندس
پلي خرچ پيو ڪر-ستائيم پيو پل.

نہ هير آ نہ سهڻي نہ ليلا نہ شيرين
رڳو پئي ستائين پلا سمجھہ سائل

اهو شيوه سهڻن جو آهي اصل کان
تہ تعريف جو بس هميشہ هُجي هُل.

فنا سونهن تي ڏس-عجب ناز آ تن
نہ دل کي ٿا سمجهن تہ ڪا آهي هي دل

ادائون انهن جون فقط روڳ دل جو
مسيحا ٿا سمجهون-انهن کي ئي هر پل

اسيري چڏي ڏي-حفن بيوفا جي
محبت جي بلڪل صفا ناهي قابل.

◈

فعولن فعولن فعولن فعولن

اجايو مون تو کي پي سمجهيو پرايو
حقيقت ۾ آ هين سڪون منهنجو سايو

تنهنجي سادگي کي عجب سان ڏسان ٿو
زماني کي سهڻي نموني هلايو.

ڪڏهن رنج راتيون ڪڏهن قرب واريون
انهن کي سهيڙي چڱو تو نڀايو.

ڪڏهن پور سورن ڪان وڌ ٿا ستائن
اچي فهم و پيمان ۾ مارن مچايو

ڪڏهن سور ساڪت طريقي ستائن
وري عقل درمان ٿي تن کي هٽايو.

ڪڏهن موڊ مستي ڪڏهن قرب ڪورو
اچي اوري ارپي ٿو خود کي رجهايو.

وري ٻول ٻولين وري سور اورين
اهي ئي تہ وندرون وجن ٿيون ڪمايو.





نگاهون ڪجي پو مگن ٿي پون ٿيون
پي مدرا شبابي-پرن پريت پايو

نگاهون نمن پيون ڏسي محب مستي
اچي محب اوري آ ڪنڌڙو نمايو

عجب عشق آيو عجيبن ڪان اهڙو
آهيان محب ۾ مان سمائي سمايو.

نمي نيهن سان ٿو ادائن سان چنبڙين
هميشہ ائين ڪر تون پاڪر ۾ پايو.

ايامن ڪان هئي آرزو شل ملي مون
اهو ئي مليو ٿم-سو ساڳيو سڏايو

اهو قرب قربي چو وسري پلا مون
ائين شل هميشہ رهين پال پايو

رهان ٿو مان خوش ۽ رهان پر سڪون ٿو
زمانو عجب ۾ جڏهن مون پڏايو

اهو ئي جهان جو حسين حسن آهي
ٿئي خوش ٿو محبوب نظرون ملايو

اها موج مستي هميشہ هجي شل
انهي جي شغل ۾ نمي نيهن نايو

محبت جون ميخون اجا ڪاڏي هونديون
اتي ئي رهن ٿيون رکي راز رايو.

اهو آهي مشڪور نعمت جو بدلو
دعا کي خدا آهي نعمت بنايو.

شڪر آ خدا جو اٿس ـسونهن خلقي
سڄي سونهن سان ٿس جهان کي سجايو.

خدايا هميشہ اهو ساٿ رکجان
مٿان مون کي هن ڪان الڳ ڪو رهايو

طفيلي حبيبي گناهن کان بچيس
تنهنجي مهر مالڪ آ مون کي بچايو

ازل کان آ قائل سجود خدا جو
حفن کي تو پنهنجو تڏهن کان بنايو.

◈





فعولن فعولن فعولن فعولن

پراڻو زمانو وري ياد آيو.
رُڳو هو فسانو وري ياد آيو

جواني ملي پر بنا عيش عشرت.
هو سپنو سُهانو وري ياد آيو

سوين خواب آيا اجا سجايا.
نہ تعبير تانو وري ياد آيو

حسينن کي ڏسندي جواني ٿي پوري.
عجب عاشقانو وري ياد آيو

جواني جو جوڀن ۽ جوهر شُعل هو.
عجب هو خزانو وري ياد آيو

ڀري جوت سيني ۾ جبلت جي هر هر.
عجب ڪارخانو وري ياد آيو

اچانڪ عجيبن سان اکڙي اڙي پئي.
اُهو آستانو وري ياد آيو

هي گلزار گلشن تہ سر سبز ٿيو آ.
اٿم آب دانو وري ياد آيو

جواني جي هڪڙي عمر آ هي يارو.
آ گانو بجانو وري ياد آيو

جواني گناهن جو آهي تسلسل.
هلي ڪو بهانو وري ياد آيو

حفن ٻوٿو ٻاريو نہ ڪوئي جهان ۾.
زماني جو طعنو وري ياد آيو.

◈





فعولن فعولن فعولن فعولن

وچين محب ڪي تون ڀڏائي پيامي.
تنهنجي عشق ۾ دل پري پئي سلامي

جڏهن ڪان ڏنم تو ڪي بزم سخن ۾.
تڏهن ڪان ڦٽي نند ٿي بي آرامي

جي تو ٻول ٻوليا سهيلين جي ڪٺ ۾.
تنين سحر دل تي ڪيو آ بي دامي

چيو ڪنهن سخن بن آ محبوب کهڙو.
نہ رمزو نہ غمزو نڪي خوش ڪلامي

ڪري ناز نخرا نوازين ٿو عاشق.
لڳي ٿو هي انداز تنهنجو عوامي

جڏهن زلف ڪرلي هٽائين ٿو رخ تان.
چوي دل پئي تنهنجي ڪيان مان غلامي

نهارين پيو ترڇي نظر سان جڏهن تون.
لڳي پيو تہ تنهنجون اکيون هن بدامي

ملڻ مان گهران ۽ هجين تون بہ راضي.
ملڻ جي خوشي ۾ وجي دل وسامي

نگاهن ۾ تنهنجي ڏنم پُر هئي مدرا.
ڏسڻ ساڻ سکتو ٿيو طاري دوامي

فضيلت پريو يار آهي پڌو ٿم.
عقل ۽ فهم جي نہ ٿس کائي خامي

محبت مقدس امانت آ يارو.
حفيظ آ يقينن محبت جو سامي.

◈





فعولن فعولن فعولن فعولن

محبت جي محفل مچائي هليو آ.
مقدر جي شمع جلائي هليو آ

جنين سان هي جيئڙو جڙيل آهي جانب.
تنين سان تون نيهڙو نڀائي هليو آ.

هئا ننگ ناموس ناتا نماڻا.
تنين کي سچاڻي ڳڻائي هليو آ.

برابر زماني جون انگڙايون آهن.
سهي سڀ پلو ٿي سهائي هليو آ.

جتي لاڏ آهي اُتي کوڏ آهن.
پلي لاڏي کوڏي کڏائي هليو آ.

هي پنهنجا هو پنهنجا سيئي پنهنجا آهن.
خطائون سين جون ڀُلائي هليو آ.

حياتي ۾ کھڙو سمر باقي آھي.
تنفر جي طوقن کي تائي ھليو آ.

محبت جو ميوو صبر وانگي مٺڙو.
زنگي دل کي ڌوئي سجائي ھليو آ.

جواني تہ دنيا سندي زينت آھي.
تھين کي سنواري سنپائي ھليو آ.

ھِتي لڳ لاڳاپا ئي سرمايو آھن.
تنين کي سھيڙي سرائي ھليو آ.

محبت جون ميخون اندر ۾ کتل ھِن.
انھن کي تون چت ۾ سمائي ھليو آ.

حفن آھي سمجھو.سرائي آ دنيا.
رھڻ جي تون قابل بنائي ھليو آ.

◈





فعولن فعولن فعولن فعولن

اڇي محب اوري چمي ڏي ڳلن تي.
چپن کي جي چوري چمي ڏي چپن تي.

نظر نيھن نرمل نھاري نشي سان.
گلي سان لڳائي چمي ڏي اکن تي.

کري قرب قربي کلي ٿو خوشي مان.
تون ويجھو ٿي ان کي چمي ڏي ڏندن تي.

ملائم ھي هٿڙا جھلي ڏس حفي جا.
اکن تي رکي پو چمي ڏي هٿن تي.

پرين پير پيارا پدم جي پسائي.
چمي ڏي انھن کي ۽ ان جي پېن تي.

جي خنده جبين ڏس ٿڙي پيو ٿري پيو.
مٿي تي چمي ڏي ۽ ان جي حصن تي.

جي ارڏو جھڪي ٿو جھڪائي ٿو کنڌڙو.
چمي ڏي تون کياڙي ۽ ان جي کپن تي.

جي آغوش ۾ ٿي ٿو شرمائي هر هر.
چمي ڏي سجن کي پو سيني سجن تي.

بدن جي جي خوشبو ڪري محو هر هر.
پلي پو چمي ڏي تون چاندي بدن تي.

جي محبوب سائين اچي ٿو بغل ۾.
چمي ڏي بغل تي پو هڙني هنڌن تي.

ملي مطمئن ٿي تڙي ٿو جي خرمي.
چمي ڏي اُتي هن کي جذبن نون تي.

حفن تنهنجو اعليٰ ترين آ تخيل.
محور آ جنهن جو-چمڻ جي وزن تي.

◈





فعولن فعولن فعولن فعولن

خدا کان نہ مايوس رهجان اي بنت
نکي ظلم ڪنهن جو بہ سهجان اي بنت

صفا خوبصورت آ تخليق تنهنجي
ڪڏهن گهٽ نہ خود کي تون ڇئجان اي بنت

زماني کي ڏس چوطرف هر نظر سان
عقل سان تون سمجهي پو هلجان اي بنت

عجب رنگ رنگيءَ بنايو جهان ۾
مزو وٺ فضائن جو دل سان اي بنت

خدا تو کي آدم مان پيدا ڪيو آ
مگر هت سيئي ڏس تہ تو مان اي بنت

هو احسان آدم ڪيو تو تي هڪ ور
مگر تنهنجا در جا مٿاهان اي بنت

تون احسان فراموش ناهين مگر سچ
تہ مردن جي روحِ روان آن اي بنت

ڪڏهه ڪين مردن ڇڏيو آهه ڪنهن کي
اگر تون نہ آهين نہ دنيا اي بنت

رکيو ٻِگ نظر سان جي عورت کي ڏسبو
نظر اهڙي بلڪل ذيان آ اي بنت

محافظ آ مردن کي مولا بڻايو
تڏهه ٿو ڪري جان قربان اي بنت

جوان مرد هر ڪو ٿو تو تان فدا ٿئي
سنڀالي هٿي خود کي هلجان اي بنت

جهان ۾ نہ پهتو ڪو مرد آ اُفق تي
سهارو جي تنهنجو نہ هن سان اي بنت

ڏچن زن مريدي ڪان بيشڪ بهادر
مگر تو ڏي سيئي جهڪن ٿا اي بنت

حفن يار خود کي سجاڻي آ ورتو
يقينن ڪري پيار تو سان اي بنت.

◈



دَمِ ديدار ميں رقصم

فعولن فعولن فعولن فعولن

تبسم ۾ تائي نگاهون ملائي
ويو يار رمزن ۾ مون کي رلائي

ادا تي فدا ٿئي ڏسي ٿو عدم ٿئي
اهو آ تہ چاهي اي ساحر ٻڌائي

نگاهون نشاهن ۽ نخرا نوان هن
وري لوڏ مرڳو ٿي سرڙو وڃائي

اڇي پيو تہ مرڪي وڃي ٿو تہ ڪرڪي
ڪندو ڪير مَهلون صنم ڪان سوائي

وڻي ٿو اسان کي-اسان پي وڻون ٿا
لڳي ٿو تہ دل جي لڳن پئي هلائي

ڪري ياد ٿو هو-نري انگ ٿو
هلي ٿو اچي دل جي دنيا سجائي

سفر تي وجي تو صفا يار ٿورو
مگر جسم جان کي ڇڏي ٿو هِلائي

رڳو انتظار آ اِجهو تو اچي هو
نگاهون درن تي ويتا هون لڳائي

اجا يارُ هُتڙي. هتي ڪين ايندو
ڪنهين مت جي موڙهي-ڇڏيو آ منجهائي

جڏه مور وانگر هتيلو هلي ٿو
دعائون گهرن ٿا ته نظرون ملائي

عجب موج مٺيان اکين ۾ سمايل
سمائي سمائِس ڏنم جو چتائي

حفن پل حسينن جي ڪر انتظاري
انهن کان سوا پل ٿو هر ڪو ستائي.

◈





فعولن فعولن فعولن فعولن

جي دلبر آ دارون نه درمل ڇڏي ڏي.
جتي نيهن نازڪ نه نرمل ڇڏي ڏي.

محبت ته من ۾ هميشه رچي آ
نه الفت آ جنهن ڏي سو بيدل ڇڏي ڏي.

اگر دلربا بزم مان ئي وجي تو
اُها يار محفل تون بلڪل ڇڏي ڏي.

ضروري ته ناهي بدن کي بدن سان
ملائي نرون ۾ نري دل ڇڏي ڏي.

اِهو عشق کهڙو جو جسمن سان پلجي
اگر دل نه دل سان لڳي پل ڇڏي ڏي.

ڪڏه اوچتو ئي وٺي ڪو وجي تو
اهو آهي سانوڻ جو بادل ڇڏي ڏي.

نگاهون ملن ٿيون-نظارو بہ آ نرمل
پو دنيا جي هر ڪائي محفل ڇڏي ڏي.

چڱي ديد آهي تہ دنيا حسين آ
چڱو چوندي باقي تون عاقل ڇڏي ڏي.

محبت علاج آهي هڪڙو جهان ۾
محبت جتي ناهي بخمل ڇڏي ڏي.

زماني سان ڳڏجي هلين ٿو پلي هل
سوا ڪنهن بہ مقصد جي منزل ڇڏي ڏي.

ڪڏه ڪين ٿيندين زماني جو والي
اجاين خيالن جي هلچل ڇڏي ڏي.

حفن معتبر پاڻ کي پيو تون سمجهين
ٻڌائي ڪيو ڇا ٿئي حاصل ڇڏي ڏي.

◈





فعولن فعولن فعولن فعولن

هلي آ تون مون ڏي ڪري ڪو بهانو
لڪڻ آ ضروري خراب آ زمانو

جواني جا ڏينهنڙا صفا ٿورڙا هن-
اسان جو اهو ئي سڄڻ آ خزانو

اسان جي طبعيت سڀن کان نرالي-
سڀن سان لڳي جو نہ آ دل ۾ خانو

اچانڪ مون تو کي ڏٺو آ هِتي پر-
متاثر وڏو تو ڪيو مون کي جانو

خوشي جي گهڙي ڪا اچي گهار مون سان-
رهي روح پنهنجو تہ تازو توانو

جواني هميشہ جو تحفو تہ ناهي-
ڪيو رقص جانان وڄائي پيانو

ذري جي ملي ٿي خوشي سان ڪلي وٺ.
هتي هي نه ڪنهنجو رهيو آ ميخانو

هتي ظرف وڪجي ٿو ٿورن گهٽن تان.
چڱن جو ڪٿي آ هتي ڪو پيمانو

ڏکن ۽ ڏجهن جو هي سنسار آهي.
اسان جو مٺو پر ترانو به تانو (طعنو)

زماني ۾ هر هڪ الڳ ئي رهي ٿو.
نه ڪو آه ڪنهنجو اهو آ فسانو

اميدن جا گلڙا ٽڙن ڪين تا جت.
اُتي کهڙو گلشن رڳو آ ويرانو

حفن پاڻ ۾ اچ ڪيون عهد و پيمان.
رهون گڏ ڪري گهر ڪي پنهنجو گهرانو.

◈





**فعولن فعولن فعولن فعولن**

وفادار دلبر وفائي ڪري وڃ.
هجر سوز دل سان ڀلائي ڪري وڃ.

نشيب و فراز آ سڄي زندگي ۾
ملڻ جي ڪري اچ سهائي ڪري وڃ

ڏسان ٿو مان تو کي ته وندري وڃاٿو
انهي جوت سان دلربائي ڪري وڃ

ستارن جي گردش آ ويجهو ڪيو پر
اچي پيار سان رونمائي ڪري وڃ

ڏسي مسڪرائي منتل من ريجهائي
ڀلائي سڄڻ تون اها ئي ڪري وڃ

جڏهن تون اچين ٿو لهن پور سڀئي
اچي ڪو انهن جي ڪشائي ڪري وڃ

عجب ذات تنهنجي آ محبوب سائين
ڏکن ۽ ڏجهن جي ڏهائي ڪري وڃ

سڄڻ جي سچو آ ته آباد آ دنيا
حفن جي وفاسين خدائي ڪري وڃ

◈

فعولن فعولن فعولن فعولن

اٿئي عشق انڌو پري ره تون هن کان
عشاقن جو ڏنڌو پري عاقلن کان

لڳي کي نيائي تہ سودو ٿيو سر جو۔
پو گردن جو ڦندو ڦري جان تن کان

هي ادراڪ تعقل کان آ جو ازل کان۔
ڏنو ڪنهن نہ سنڌو پري آ حدن کان

حقيقت جو معراج عشق آ مجازي۔
الڳ سوئي بندو زمين وز من کان

مجاز آهي صورت پچائي سا پر ۾۔
نہ ٻاهر آ ڪنڌو ڪو دل جي صحن کان

جي عشق آ ترابي بنا ڪنهن خرابي۔
تہ عاشق پو انڌو ويو ڪل ڪمن کان





تقابل بدن جو نہ صورت سان ڪر تون۔
اٿئي حسن منڌو چڱو آ بدن کان

مجاز عشق فطري تسلسل رکي ٿو۔
گهري کين ڪنڌو حسينن سپن کان

مجاڻتو تہ جوپن ڏي هر ڪو وڌي ٿو۔
نڪو نيهن ڪندو ملي جو هٿن کان

بدن گلبدن جي جو خوشبو ٿو سونگهي۔
وجي چا تہ ڪندو پري هن چمن کان

جو مدهوش ماکي چکي ٿو چپن تان۔
چندن جو هي چندو گهري ٿو سپن کان

حفيظ آهين صورت جو حبدار بيشڪ۔
زمانو آ گندو پري ره برن کان.

◈

فعولن فعولن فعولن فعولن

ڏسي وقت خود کي مون موڙي ڇڏيو آ
عجب درد کي دل سان جوڙي ڇڏيو آ

منهنجي درد لفظن جو جامون آ پهريون
تحسس جي تيرن جنجهوڙي ڇڏيو آ

منهنجا لڙڪ موتي متان آب سمجهو
انهن خونِ دل کي وِلوڙي ڇڏيو آ

عجب درد جو هت وُجود آهي يارو
ڳجهي پيڙ سان جنهن مروڙي ڇڏيو آ

حصو درد مان هت مليو آ سڀن کي
مگر هن تہ دل کي نهوڙي ڇڏيو آ

جنجهوڙن ٽيون سوچون سوين فهم جوڳيون
اندر تن يقينن-اڊوڙي ڇڏيو آ

صبر کر صبر ئي علاج آهي دل جو
صبر ئي تہ شدت کي ٽوڙي ڇڏيو آ

◈



ڏٖمِ ديدار ميں رقصم

فعولن فعولن فعولن فعولن

دونهين درد دل جي-دکي پئي دکي پِئي
اجا رڙ اندر مان-اٿي پئي اٿي پئي

هُنن پيي هِنن پيي -آ هر هر رنجايو
جگر تي ڇري جڙ هلي پئي هلي پئي

سيئي پرسکون دل پيا سمجهن اسان جي
اندر ئي اندر ۾-جُهري پئي جهري پئي

ڏسي لڙک سمجهن ٿا اکڙي رُئي پئي
هي آتش فشان مان-ٽمي پئي ٽمي پئي

مون هک کوهنور آ-تراشيو هٿن سان
بَلا هک فريبي-ڦُري پئي ڦري پئي

بلا جي وکڙ مان جي هيرو ڇڏايو
مون بيوس کي جيکر ڏنگي پئي ڏنگي پئي

ڏسان مان اکن سان-تہ هو پيو جلن ٿا
هي فطرت انهن کي-وڏي پئي وڏي پئي

چون ٿا تہ بدلو-هتي ئي ملي ٿو
اڃا منتظر دل-ڏسي پئي ڏسي پئي

گهٽي کئي مون ڪوشش تہ وسريم هر غم
مگر باه هر هر-اٿي پئي اٿي پئي

دکي دل جون دانهون ٻڌين ٿو تون يا رب
ڏي انمول هيرو-گهري پئي گهري پئي

ڪڏهن ڪان جا تڙپي-حفيظ آهي دلڙي
ملي تيئن جيئن دل-گهري پئي گهري پئي

◈





فعولن فعولن فعولن فعولن

ڪيو علم اخلاق تهذيب حاصل
ڪڏهن پيو نہ رهجو بنا علم جاهل

چون ٿا تہ انسان اڳي جا ڀلا هئا
وفادار اهڙا جو هڪ ٻئي لئہ بادل

اگر فيصلو ٿيو تہ آ اڇين وچٽو
آ قابل ٿي ورٽو ڪبا حل مسائل

وڃي ٿو نہ موٽي اڇي ٿو اگر ڪو
نہ آ چين ۾ چين جو ڪوئي حل

سوين بزدل آهن ڀڄي ٿا وڃن جي
سڄي زندگي جو جلائن ٿا فائل

هزارين تہ اهڙا ٻڌا مون بہ آهن
نہ ويڙ ۽ وطن جي رڳو ڳالهہ باطل

حياتي آ ٿوري مگر خواب اوچا
هتي وائڙا سڀ لڳن ٿا مون پاگل

هي ڪارو هتي ئي لڳي خوبصورت
هُتي ڇا بہ هوندو مگر هوندو سانول

حفن علم آهي تہ همت جوان آ
مسائل جي آڏو رهو منهن مقابل

◈

مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

نگاهہ جي خمار ۾ شراب مون ڏٺو صنم
شباب پُر حجاب لا جواب مون ڏٺو صنم

هُو گلبدن گلاب هو يا دلفگار يار هو
حسين دلربا جو اچ شباب مون ڏٺو صنم

گناهہ جي فضا ۾ اچ نگاهہ جو ڀرم رهي
ڀرم جو واشگاف اِضطراب مون ڏٺو صنم

اکين سان جي ڏسي وٺن چپن سان جي ڇُهي وٺن
تنين جي انگ انگ ۾ سراب مون ڏٺو صنم

گلن کي جي ڪٽي سنگهن ۽ عرق پو ڪڍي وٺن
ستم سان هو نپوڙيل گلاب مون ڏٺو صنم

چوي ٿو عشق آهي مون مگر سهي نٿو سگهي
ستم ڪري جو دل تي سو عتاب مون ڏٺو صنم

مون ڳٽپ کان متي ڏٺا عُشاق هجر ۾ عدم
چمن سڪل تنهن عشق جو خراب مون ڏٺو صنم

لڳيءَ کان تون پري ٿي پڇ، پري کان پل نهار ڪر
لڳي نپوڙي دل کي سو، عذاب مون ڏٺو صنم





وٺن کي جا سڪائي ٿي سا عشق وَل سڏائي ٿي
لڳي لڳڻ جي لاڳ جو تہ باب مون ڏٺو صنم

ديار يار فطرتن گهري ٿو انتهائي دل
ملي تہ ڪل جهان ٿي سيراب مون ڏٺو صنم

عظيم پل عقل هجي مگر نہ عشق سان لڳي
خلاف عشق جي نہ ڪو ڪتاب مون ڏٺو صنم

اي ناصحا ٻڌائي تون حقيقي عشق آهي ڇا
ڪتاب ۾ ڪٿي نہ ڪو خطاب مون ڏٺو صنم

وفا جفا سزا جزا هي عشق جو نچوڙ آ
عشاق کي وصال لئہ بيتاب مون ڏٺو صنم

فراق ۾ وصال لئہ رني آ دل هي روز شب
تقابلي اکن ۾ ڪو نہ آب مون ڏٺو صنم

سڪون جي تلاش ۾ حُصول يار شرط هو
مجاز مان عروج لئہ هو خواب مون ڏٺو صنم

پلاند عشق چار ۾ وکوڙجي وڃڻ لڳو
مگر وزن نہ ڀاڻ ۾ جناب مون ڏٺو صنم

حفيظ اجتناب ڪر تون عشق جي آڙاه کان
مجاز جي عميق جو آ تاب مون ڏٺو صنم

◈

مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

آ نيهن جي نماز ۾ سُجود ڪو قضا نہ ٿيو
نشانو جو جتي جو هو اُهو اتي خطا نہ ٿيو

مزا وٺي جزا گهري جفا ڪي ٿو سزا چوي
اهو هو يار جو عقل فنا تہ ٿيو رضا نہ ٿيو

وفا بہ ڪر جفا بہ ڪر سزا بہ يا جزا بہ وٺ
اهو اصول يار جو تون ياد رک خطا نہ ٿيو

نہ ڪو مڪان نہ ڪو مڪين نہ ڪو زمان نڪا زمين
نہ وقت هو نہ بخت هو ۽ تخت پي عيان نہ ٿيو

جنم وتو نہ هو صنم تہ عشق هو نہ حسن هو
رڳو هو ڪار ساز هو اسان ڪان پوءِ جدا نہ ٿيو

شروع ڪري جهان ڪل رجوع ڪري چيائين پو
عقل فهم سنڀالجو انا ڪيو خفا نہ ٿيو

ٻڌو ٻڌي وري ٻڌو چوي ٿو هُو اُهو ڪيو
برو هجي چڱي پڇو ڪڏهن برو وفا نہ ٿيو

ازل ابد جي ڳالھ ڪر ظهر بُطن ڏي ڏيان ڏر
ستم ظريفي چو بچي اهو صفا رها نہ ٿيو

اميد ڪل حفيظ پل خدا ۾ رک پلو ڪري
رکي پرم ڪندو ڪرم حساب چڙ صفا نہ ٿيو.

◈





مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

سڪون دل اگر طلب ڪرين تہ لب خموش رک
غبار دل جو آب ٿي وهي اچي تہ پوش رک

سمهي رهن ٿا مثل مرگ-رات ڪاري ٿي جڏهن
سجاگ ڪو رهي تہ چو نہ ڪنهنجو دل تي دوش رک

خوشي ۽ غم رهن ٿا گڏ نہ ڪرب ڪر نہ طرب ڇڏ
نزاڪتن سين وقت جي تون خود ڪي خوش خروش رک

جڏهن ڪو وس هلي نٿو تہ راض سمجھ يار جو
صبر سين انتظار ڪر هي نقطو من بگوش رک

جهان ۾ هميشہ لئہ-شب گران نٿي رهي
اِجها سحر ٿي رونما-اُميد پُر سَروش رک

نمود ڏينهن جو جڏهن-بَدل ڪري ٿو رات ڪي
سحر چوي ٿي رات ڪي-تہ خود ڪي پرده پوش رک

جڏهن ٿو مئي سمئہ اچي-تہ ساقي باده مست ٿي
پري چوي ٿو بزم ۾-هي جام رندي نوش رک

حفيظ تون نراس ٿي-نہ پاند ڇڏج صبر جو
تون جنهن بہ حال ۾ هجين-عقل فهم بہ هوش رک

◈

مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

ديار حُسن ۾ تہ يار منهنجو بيمثال آ
ڪٽي نظر تہ سرڪ پي نظر جي مئي حلال آ

ثنا صنم سندي ڪرڻ لڳس تہ هُو چوڻ لڳا
پتاڪ ٿو هٽي رڳو اِهو سندس خيال آ

تماشبن تہ پو ڏٺو نظر وجهي تنهن حُسن ۾
ٿي موم موهجي ويا ڪلم ڪلا ڪمال آ

مزاج ۽ مجاز ۾ ڪو فرق تون بيان ڪر
ها نفس روح جو ازل ڪا سنگمي وصال آ

تون نقش جا خطوط ڏس مگن ڪري ڇڏين من
جي روح جو غسل اٿئي لڳي لڳن بحال آ

مزاج ڪان پري هُيس-مجاز هو خمير ۾
حفيظ ڪي مجاز ۾ حسين رخ حلال آ.

◈



دَم دیدار مي رقصم

مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

ڪلال جام جلد ڏي پري پري شراب جو
لڳي آ تاس بيڪران وري ڏي پيالو آب جو

نگاه ڪي مٿي تہ ڪڻ حيا جي فل لباس ۾
نقاب ڪي هٽا هري مزو وٺا حجاب جو

نگاه ۾ نظر وڌم صُراحي پر سرور هئي
چڪور هو اُڏام هئي نظارو هو شهاب جو

تيار آهي رند هي-جي سرڪ تو وري ڏني
حساب پو ڪبو نہ ڪو شراب جي حساب جو

اُجايل آن ڪڏهو ڪو مان ۾ پياس آہ چوٽ تي
ذرو وري وجهي تہ ڏي-شراب لاجواب جو

هِتي هُتي ڏٺو نہ مون نڪار ڪو بہ حسن ۾
صنم بنا ڪنهن حُسن ۾ نہ رنگ هو شباب جو

گهٽن ڪي منڊ جي خبر نہ مُنڊ جي اي دلربا
پريم جو اثر نہ ٿيو ڪو رڊ ڪي رباب جو

لُبِ لُباب حسن جو نقاب ۾ لڪل هيو
حجاب جيئن هتي ويو ڪلي ٿي گل گلاب جو

ڪلال اڄ اسان جو بخت ياور آه ٿيو وري
ملي ويو صنم اهو جو راڻو هوم خواب جو

حفن حسين آهين تون حجاب ڪي بحال رک
هٽائجان نہ حسن تان حسين پُڙ نقاب جو.

◈





مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

نشو چڙهيو آ نيهن جو قرار آ خمار ۾.
هي قلب بي قرار هو مگر آ اڄ قرار ۾.

خيال ۾ ۽ خواب ۾ رڳو هو دلربا حسين
نہ ننڊ هئي نہ چين هو نہ هو مزو بهار ۾.

اجا تہ اڳيرو نہ يار جو آ سلسلو وڌيو
رهي جو روبرو صفا ٿو قرب ۾ جوار ۾.

وفا جفا جو ذڪر پيو پڌان اصل ڪان يار مان
اهو پڌائي آهي چا اثر اٿن ڪو پيار ۾.

وڻي ٿو هُو لڳي ٿو مون اسان جي دل آ وئي لڳي
مگر اجا اچي نشو هو عشق جي بازار ۾.

آ دل لڳي تہ قربتون هميشہ لئہ جوان رهن
حفيظ پل سدا رهن سي دل سندي ديار ۾.

◈

مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

مون خواهش آ جهان ۾-نہ تخت جي نہ تاج جي
نہ مرتبي جي گهرج آ-نہ رسم جي نہ رواج جي

ڏٺو اٿم جهان هي رڳو هتي هوس رهيو
حريص نفس کي فقط-آ گهرج بس مساج جي

سڪون دل ملي نٿو-نہ تخت ۾ نہ بخت ۾
نہ ورد ٿو لپائي دل-نہ گهرج آ سماج جي

نہ هاڪ حسن جي ٻڌم-نہ رنگ عشق جو ڏٺم
نہ آه ڪنهن پري ٻڌم-نہ ڪا ندا حلاج جي

ملي عمر مون ٿورڙي-مٿان وري هجر ڏٺم
پڇي ويو خبر نہ پئي-تنهن يار جي مزاج جي

جواني ڏينهن چار هئي-جا خرچ ٿي هلي ڇُري
ٻڌا اي غمگسار ڪا آ گهرج ڪنهن علاج جي

اميد ٿا چون سپئي-آ تحفو هن حيات جو
سڪون جي تلاش ۾-نہ گهرج آ خراج جي

چيو سپن بلند آ-نصيب پُر اميد جو
سراج تنهنجو سائر آ-نہ گهرج پئي سراج جي

حفن اجا تہ آس ۾-تڪي پيو راه يار جي
وصال جي اميد آ-پي قربي احتياج جي.

◈





مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

ڪلي جڏه گلاب ٿي-گلن جي واس جام ٿي
ٿڌي هوا لڳي آ فل-گلن جي خوشبو عام ٿي

فضا ۾ محو ذوق ٿي-گهمن پيا حسن جا ڏٺي
بهار پر خمار ۾-سرور ۾ آ شام ٿي

ڪلال شوق پي عجيب چيز آ يا موج آ
هلي بہ ٿو تري بہ ٿو گهري بہ ٿو خيام ٿي

سليقو هو ڪٿيي نہ ڪو-جتي نہ حسن عشق هو
عجب سليقي ٿا رهن-زماني جا غلام ٿي

اگر سليقو عشق جو-اسان ڏسي وٺون ڪٿي
اهو ئي ڪم اسان ڪيون-جي حسن چئي امام ٿي

هجوم ۾ حجاب ڪو-سرور ۾ شباب ڪو
لڳي ٿو ڪو آ باخبر-ڏسين اگر عوام ٿي

اهو ڪرم اسان تي آ-بهار پي اسان ڏي آ
گهڻائي ديس پيا سڪن-ملي بهار انعام تي

عوام ناس آ گهڻو-بهار جي ٻہ موسم آ
ڏسو تہ هر حسين رخ هلي پيو ڪيئن اڏام تي

گرم هوا ڪٿي نہ آ-نرم فضا هلي تي پئي
تراوتن جي طرب ۾-بهار اهتمام تي

هري هري پئي رات ٿئي-تون رات جو سمان تہ ڏس
وجي ٿي نيرگي ختم ٿي روشني جي نام تي

عجب نمود شام جو-عجب نمود رات جو
عجب بدل آ وقت جو-آ ڪير ڪنهنجي سام تي

مون اوچتو مٿي ڏٺو-ستارا ها پي روشني
نگاه ترورا پئي ٿئي-مزو وٺو تمام تي

حفن تو هن حيات ۾-بهار ڪي ڏٺو آ ڪيئن
بهار ڏي پيام پئي-ملو تہ من مدام تي.

◈





مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

تلاش گر آ بخت جي-سجاڻ ان جي وقت ڪي
لڪل ٿئي راز ڪرت ۾-اگر گهرين ٿو تخت ڪي

تون وقت جو خيال رک-نماز جو قيام رک
تون پهرين تندرست ٿي-نہ ڇڏج اهڙي ڪرت ڪي

جهان ميلو آ وڏو-حسين ڪان حسين تر
انهي جي حاصلات لئہ-سڌار پنهنجي صحت ڪي

اگر لڳو رهين نماز ڪي تہ چست آهين تون
نماز اهڙو شيوه آ-روان ڪري ٿو پست ڪي

اگر تو استقامت آ-تہ جُهد جو جهاد ڪر
جي جُهد آهي زُهد ۾-پو ويجهو آهين پرت ڪي

نماز ڪان پري نہ رهہ-نہ تن نہ من جي ڪوٺ رک
نماز اعليٰ ورزش آ-ڪر عادي اهڙي خفت ڪي

چُري نٿو هلي نٿو-جمود ۾ آ مثل مرگ
تون لوڏ هن کي دوس ٿي اٿار اهڙي سست کي

جمڻ مرڻ جي وقفي ۾-هِتي هُتي جو کڻ سمر
اجائي سوچ ۾ نہ وڃ-چڙهي ڏي اهڙي گشت کي

نماز جو آ فلسفو تہ چار ڏينهن چاق ره
جمود ۾ تون زندگي وڃائي خود نہ سرت کي

نماز جي حُصول لئہ-دماغ دل سجاگ رک
اگر اهي سمهي رهن-لکڻ هٽين پشت کي

دل و دماغ صحت مند-اگر قيام ۾ رهن
حيات صحت کاملا-چمن بنائي دشت کي

حفن نماز جو عمل خلوص سان تا دم رهي
کو احتياج غير جو کپي نٿو کنهن چست کي.

◈





مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

سجاڻ يار قرب کي-سجاڻ ان مقام کي
هي دل آ قرب جي جڳہ-سجاڻ ان جي دام کي

هميشہ حسن بيقرار ٿو ڏسين اي ديدور
سبب ٻڌائي ڪرب جو-ڪو عشق جي امام کي

نگاه نيزو نيهن جو-هٽي قتل ڪري ٿي دل
ترار تيغ تيز تر-قتل ڪري ٿي عام کي

ترار جي آڏار ۾-نگاه جي نهار ۾
فگار دل ۽ جان جو-ڏنل آ ڪم شهام کي

نہ عشق کي ڪا پرک آ-چا حسن جو مزاج آ
حيا شرم نہ مت عقل-نہ ڄاڻي احترام کي

سکون دل وڃي هليو-اگر صنم تون آن پري
ديار دل اپاٽکو-سکائي ٿو بسام کي

نہ سمجھہ ائين تہ شان ٿو-پري رهي وڏي صنم
وجي ٿي جان جسم مان-لڳي ٿي باه بام کي

مزاج ۾ غرور ۽ غرور ۾ سرور ڏس
امام پر خمار ٿي جهلي ٿو نائي جام کي

هري هري هلي تہ وڃ کلال کي قريب ٿي
جي مرڪ سان ٿو سرڪ ڏي سلام اهڙي شام کي

ملين ٿو ڇڻ ٽلين ٿو تون- کلين ٿو ڇڻ ملين ٿو تون
سلام تنهنجي ناز کي-مٺا تو خوش خرام کي

تون شوخ جو تہ شوق ڏس-باذوق پيي آ عشق ۾
نهار ۾ ڏتار ڏس-هري سڏي ٿو رام کي

جهان ۾ امام بزم گر صفا عدم هجن
پو ڇا کبو جهان کي-جهان جي قِوام کي

حفن تون حسن جو غلام قرب ۾ مدام آن
نہ هوش آ نہ پوش آ نہ پوش ڏين حرام کي.

◈



ڏٺم ديدار ميں رقصم

مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

نہ سرڪ جي پيڻ سندو-هِتي ڪو اهتمام هو
رُخ حسين يار کي ڏسڻ هتي حرام هو

نہ سرت جي ڪا سُرت هئي-نہ ڪِرت ڪا ئي تُرت هئي
نہ دين جي خبر هين-رڳو سندن قيام هو

نياڳا سپ پگهار تي-پچاري دين جا هيا
نہ سرڪ جي نہ مرڪ جي-تہ مڏ هئي نہ جام هو

جڏه ڏٺم عجب لڳو صنم صفا حجاب ۾
نہ حسن جو قدر هيو-جي مال هو تہ خام هو

وڏو جهان هو هتي-موالي حسن جا هيا
جڏه هتي اچي ڏٺم-جو شهر هو سو عام هو

ٺنا هتي ٻڏي هيم-فنا هتي اچي ڏٺم
خفا تہ دل صفا ٿيم-نہ ڪنهنجو ڪوئي دام هو

جوان پيرسن هتي-ڪڏن تہ راند پيا سيئي
بلور پيا ڪلي ڪٽن-انهن سان گڏ ڪلام هو

61

رڳو مون ريش هئي ڏٺي نہ نور هو نہ پور هو
خدا جو ڪو خيال ڇا۔نہ خيال ۾ ڪو رام هو

حسين مون ڏٺا هتي۔غريب سڀ ها گوڏ ۾
نہ هو ڪو صاف گلبدن۔نہ صاف ڪو تمام هو

ٿرو وٽي وريو هتي۔نرو ڪٺي لڳو اچي
سٺو هجي برو هجي۔اهو ڪمام جام هو

نہ مئي سندو ميخانو هو۔نہ مسجدي ڪانيل هئي
نہ چرچ هو مندر نہ هو۔نہ دين جو امام هو

نہ انتظام يار هو۔نہ هڪم جي ڪا پيروي
مون ڪي لڳو تہ جهنگ هو۔نہ شهر جو ڪو نام هو

اجا تہ ارتقا اٿئي۔هزار سال پوئتي
هريف ارتقا جا ٻئي۔وڏيرو يا ڪہ ڄام هو

امير بادشاہ ڪل هريف ارتقا سيئي
مُلو پنبت پادري۔انهن سان گڏ عوام هو

حفيظ عمر وئي ڳري۔دوا نہ آ درد جي
مٿي جي سور لاءِ پيي۔نہ ڪنهن ڏي ڪو ئي بام هو

◈





مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

ٿنا گري ڪرين تہ پل۔مگر نہ پنهنجي ذات جي
اجا پلي اها ٿنا جا يوسف صفات جي

سراج ٿين يا چنڊ ٿين اِها تون چونڊ پاڻ ڪر
عروج وٺ ٿي روشني ڪا ڏينهن جي ڪا رات جي

عروج جي حصول لئہ اُڏام اوچي ڪر متا
نظر پوي تہ تو ڏي پو سڄي ئي ڪائنات جي

پلي هي منزلون پري هجن مگر جدوجهد
بنا ٿڪن هجي تلاش يار حاصلات جي

تون چپ رهين تہ هي جهان يار چپ رهي سڄو
جهان ڪان عزت ڪرائي پنهنجي ذات پات جي

چڱو عمل جڏہ ڪرين چون سيئي امين آ
امانتن جي ڳالهہ ٿئي ۽ ڳالهہ معاملات جي

صبيح صورت آ سٺي۔متان تون خود پرست ٿين
مداح گڏ متان نہ ٿئي ڪا ڳالهہ تحفظات جي

عزت آ محفلن ۾ ڏس-جڏهه اُتي وڃان ٿو مان
خدا عزت ڏني آ مون-نه ڳالهه معجزات جي

مطالعو تو ڪيو آهي-ته دعوائون ڪري متان
هتي رهي آ رهبري هميشه علميات جي

نه دوستن تي ڀاڙيو-اهي ئي ڀاڙ ٿا پٽن
ڪڏهه ته ساڙ ۾ سڙي ڪندا هي ڳالهه ڪات جي

هي دين ڪائنات ۾-نصيحتن جو دين آ
حقيقتن ڪري ٿو ڳالهه هت عيان نجات جي

اهو سفر ڳرو سهي-مگر نتيجا خيز ٿئي
ڪادين جي تون ڳالهه ڪري ڪا صوم جي صلات جي

جنم وتو ختم ٿيو-اهو آ نقطو سمجهه جو
تون غور ڪر زمانو ڏس- آ ڳالهه معرفات جي

تون مختصر حيات ۾-جزا سزا جون منطقون
ٻڌائي فلسفو نفي ڇا زينت آ حيات جي

حفيظ بس اهو چوڻ گهري ٿو يار هوش ڪر
اجائي سوچ ڇڏ ۽ ڪر ڪا ڳالهه ترقيات جي.

◈



دَمِ ديدار مي رقصم

مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

ڪتاب جو نچوڙ ٿئي-وضاحتي مهاڳ ۾
اگر ڪا ڏُن وڃائجي ته سُر هجي ڪو راڳ ۾

وڏا اڳي غريب ها-نه مال هو نه حال هو
جو حال هو سو پيش هو-وڏو مزو هو ساڳ ۾

سوين لڏي پرائي پڊ روزگار ڪاڻ ويا
مگر مزو ڪٿي نه هو-هيو جو پنهنجي ماڳ ۾

اڪابرن هميش واٽ ارتقا ڏسي مگر
نصيب ڪنهن جو چاق هو ته يار ڪو اڀاڳ ۾

هو بخت جنهن جو يا وري-انهي ته محنتون ڪيون
جدوجهد جو ڪري-عروج تنهن جي ڀاڳ ۾

جي ڀاڳ تو سڃاڳ آ-ته ننڊ پو حرام آ
آ سلطنت سهاڳ ۾-سڪون آهي جاڳ ۾

مثال ڪئين ڏٺا اٿم هميشه دربدر اهي
جنين کي پيار اڻ ميو-هئا جي لاڏ چاڳ ۾

هي ڪائنات ميل آ-رهن ٿا عشق حسن پئي
ڪو حسن جي نشي ۾ آ ڪو عشق جي ويراڳ ۾

تون عشق جو مجاز ڏس-تون مشڪ جي بہ موج ڏس
مجاز موج مستڙيون-نہ يار ڪنهن جي واڳ ۾

سهاڳ ڏس سياڳ ڏس-اهي ئي وقت جا ڏٺي
اٿن سوير محنتي-رهن سدا سجاڳ ۾

جهان هڪ ندي مثل-سڄو ڪپو ڪنار ڏس
ڪپو اٿس نياڳ ۾-سڄو اٿس تہ پاڳ ۾

عقل فهم هميش تون-عمل ۾ رک اي اجنبي
تون سلطنت جو مالڪ آن-نظر جي ٿئي سهاڳ ۾

حفن مٿان ڪرم تہ ڏس-نگاه ساڃي پاسي ٿس
صفا يقين ڪو نہ ٿس-ڪو ڪاٻي جي نياڳ ۾.

◈





مفاعلن مفاعلن مفاعلن مفاعلن

اي حسن تون ستا نہ مون نہ درد ڏي فراق جو
اهو ئي امتحان آ هميشہ ڪئون عُشاق جو

جهان جو نہ دين جو نہ آخرت جو معاملو
رڳو آ معاملو صنم سان دل جي ارتفاق جو

جي سونهن ٿو رکين صنم تہ قرب کي نڀائي تون
عجب طريقو تو ڪيو آ دل سان هي مذاق جو

اهو ستو لڳي ٿو مون-تون حسن کي سينگار پيو
نہ نيهن ڪان نٽائي تون نہ رستو وٺ اباق جو

اهو آ شيوه گل سندو سڏي ٿو پونئر کي هري
اهو ئي نيهن ناز دل وٺڻ جو استراق جو

صنم رهي پري پري-هري هري لڪي ڏسي
يقين سان اهو سبب آ دل جي التحاق جو

هتي گهڻن کي شوق آ تہ محب سان وصال ڪن
مگر لڳي ٿو شور غل۔شفاق جو نفاق جو

مجاز ۾ غريق ٿي مون شوق دل ڏٺو جڏهه
تہ افتخار دل اندر وڌيو مون اشتياق جو

جهان عشق جو وڏو آماجگاه آ رهيو
مگر ڀڏائي حال کو بيمار جو ۽ چاق جو

زماني کان ڊڄي ٿو هو۔عزت جو خيال ٿس وڏو
اچي تہ پل عتاق سان رکي سخن سياق جو

پنا مون ڪيئن ڏٺا مگر سيئي ها درد عشق جا
پنو ڪو پي نہ خالي هو ڪتاب جي اوراق جو

مجاز موج برق ٿي متان نہ شوق ۾ اُٿي
متان حفن مذاق ۾ ڪلي نہ طاق ڪاڪ جو.

◈



ڏکم ديدار ميں رقصم

مفاعلن مفاعلن مفاعلن

اسان ڪان چو رهين ٿو تون پري پري.
لڪي اچين وري وڃين هري هري.

لڳي ٿو مون خبر اٿئي تہ يار ڪو
تڪي ٿو راه هر گهڙي ذري ذري

ڏسين بہ ٿو ڪلين بہ ٿو ملين نٿو
هتي اڱڻ تون پير اچ پري پري

يقين ٿم تہ ايندين تون خوشي خوشي
تڏهن تہ منتظر پئي دل ٺري ٺري

وسارجان نہ خُوبرو خُمار ۾
تون حُسن جي سنڀال خود ڪري ڪري

سدا تون حُسنَ جي نشي ۾ ٿو رهين
هي بره يار جي نہ دل چري چري

جهان ۾ جنم وٺي پو ٿو چوي
تو کان سوا منهنجي نٿي سري سري

اي حسن ٻڌ خيال ڪر ٿي عشق جي
اڪن ۾ منهنجي جوت ٿي ٻري ٻري

متان فخر تون سونهن تي ڪري اها
ڦلي ڦولي ٿي عشق ۾ هري هري

غُرور ڪر ضرور ڪر حضور تون
مگر تون عشق کان نہ ره پري پري

اي خوبرو آ روبرو حفيظ ڏي
سوا تو دلربا نٿي سري سري.

◈





مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

سچي دنيا نشو آهي-نشي جو فل اڏو آهي
طلب جيڏي وڏي آهي-غلام اوڏو وڏو آهي

يقينن مختصر آهي-سڏائي ٿي مگر دنيا
چون هن کي سيئي ادنيٰ مگر هن ۾ چسو آهي

پلي ادنيٰ مذکر آ-پلي دنيا چون ماده
مگر دنيا اجهو آهي-نشو آهي مزو آهي

جواني ڏس وجهي ٻکڙن ۾-وچڙي پئي ٿي دنيا کي
انڌن وانگر جو چنبڙي پئي-لطف پک سين وڏو آهي

حسينن جون وڻن رمزون-نگاهون پي ادائون پي
خرابي ڪا نہ ٿي ڏسجي-مزو ئي بس مزو آهي

زماني جي فريبي رونقن ۾ گم ٿيو اهڙو
جو سونپيل هر ذميواري-وساري جڻ ڇڳو آهي

گريبان ۾ نظر پنهنجي وڌم محسوس ٿيو مون کي
نہ کنهن جو ڏوهہ آ ڪوئي- نہ کنهن جو ڪم ڪُڌو آهي

وفائن جون اميدون هٿ-رکڻ وارا ڀُليل آهن
رڳو مطلب جا پوڄاري-ڀلي رشتو سڳو آهي

هلائي ڪين سگهجي ها-سوائي مئي جي دنيا کي
هتي مدهوش آ هر ڪو-مليو هر ڪنهن ذور آهي

عجب جا ها اهي ماڻهو-فرائض جن ڪيا پورا
حقوقن کي نڀايو تن-سندن هر ڪم سچو آهي

عمل منهنجا چڱا ناهن-اميدون پر حفيظ آهن
وڃان هن قيد ڪان مسڪن-جتي عالم سٺو آهي.





مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ڇڏائي جان روئي ڇڏ-متان ناسور ٿئي دل ۾
وساري ڇڏ تون يادن کي-متان ڪو سور ٿئي دل ۾

حياتي مون سچي ڪاٽي-نڀائڻ فرض مون سمجهو
جفا اڄ ڏاڍو جهوريو آ-متان عاشور ٿئي دل ۾

اچانڪ ڀلجي آيو ڪو-پڇائين حال آ ڪهڙو
رُنل اکڙن ڇيو روئي-سحر ڪا نور ٿئي دل ۾

وڃڻ چاهين ڀلي تون وڃ ڀڄڻ چاهين ڀلي تون ڀڄ
ڪٿي ئي اطمينان ناهي-ڀلي مفرور ٿئي دل ۾

جهان سارو عذاب آهي-خوشي هٿ مختصر آهي
ڀلي ڏاهو سڏائي ڪو-ڀلي مسرور ٿئي دل ۾

هميشہ مون نڀايو آ-محبت سان سچائي سان
وفا واري هُجي رغبت-اچي مهنور ٿئي دل ۾

اسيري ڪنهنجي زلفن جي-قفس خانو آ الفت جو
کُلي الفت ڪري ڪوئي-حفن منظور ٿئي دل ۾

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

جوان جوين جياريو جيءَ جلائي جوت اکڙن ۾
اڇي اوري صفا سوري۔اڇي ويتو آ ٻڪڙن ۾

مفادن جون جنگون جاري۔مگر دل کي سکون گهرجي
صبوح من صفا سهڻي اُڀاري موج انگڙن ۾

جلي آ جوت الفت جي۔اها ٻاري تہ رکڻي آ
شمع وانگي ڪجان روشن جلائي تيل ڏيئڙن ۾

اهو ڪهڙو عمل آهي چون مردار ٿا جنهن کي
محبت سان آ ميرو من هلي پاڳل جي ڪپڙن ۾

عجيبن جو اڇڻ اهڙو۔نواڻ آ نيهن ۾ نازڪ
ٻري ٻاکر وڏائين ائين آ جيئن معشوق مجرن ۾

نشانو جا بجا آهي۔محبت پڻ امر آهي
پُڳو الفت جي محفل ۾۔پُڳو محبوبي گلڙن ۾





قفس جي قيد جو قائل۔ڪري ٿو قلب کي قابو
اهي جي فاصلہ آهن اهي آهن ئي پلڪن ۾

مراسم مير محفل جا ملائِم ها مها مخمل
يقينن برقرار آهي پرين جي پرت پنبڻ ۾

محبت کي محبت ۾۔سڃاڻي پو محبت چئو
اها انمول چيز آهي۔رهي ٿي جيڪا دلين ۾

محبت پاڪ جذبو آ۔هدون هن جون ڪٿي ناهن
محبت با تقالب آ۔هلي ٿي قريبي لهرن ۾

هوائون هت گرم آهن جهان جو هي جهيز آهن
سنڀالي خود کي هلڻو آ۔محبت جي ئي پردن ۾

اگر سنياسي الفت جو۔رهڻ چاهين ٿو اي مانجهي
محبت سان جا جڙيل آ۔ڪٽي وٺ ٻوٽي جبلن ۾

حفن مون بار ها سوچو۔سڪون ڪهڙي هنڌان ملندو
محبت ئي سڪون آهي۔مزو ناهي ڪو جهڳڙن ۾.

◈

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

مٺو محبوب من موهڻو۔حب تن من حبيب آيو
زماني جي ڪري مون ڪان۔پري هو پر قريب آيو

تخيل ۾ تهسس ۾ تضاد آهي لڳي ٿو مون
جهان وارا چون پيا ائين۔اسان ڏي ڪو رقيب آيو

اسان اکڙن ڪي پيرن ۾۔وڇايو سين اهو دلبر
هلي آيو ڪلي آيو۔عجائب ٿي عجيب آيو

سوين ديدن ڏٺو پئي غور سان ليڪن منجهي پيا سپ
انهن جي درميان آيو۔مگر جهڙو نقيب آيو

سپن جي وات آگر هئي هو بختاور ڦُغ دلبر
اچڻ سان رونقون نڪريو سپاڳن جو نصيب آيو

الاهي تهمتون دلبر سٽيون آهن محبت ۾
مگر هو پُر حجاب آيو۔نظر نرمل نجيب آيو





محبت جو ڪو ڪاٿو آ۔ٻڌائي ديدور ڪوئي
حجابن جي نقابن جي۔حسابن جو حسيب آيو

گهڻي گهري نظر ڪان پوءِ اهو سمجهيم صنم منهنجو
صفا سهڻو وزن وارو۔طبعيت جو طبيب آيو

سوالن جي جوابن مان۔سپئي هئا مطمئن همسر
سپن گڏجي چيو پئي هي۔ڪٿان اهڙو خطيب آيو

صنم جي سخن جون هاڪون ٻڌي مشتاق ٿيو هر ڪو
پسڻ جي شوق ۾ شائق۔امير آيو غريب آيو

ادب جي ارتقا ٿي جنهن اُصولي گفتگو پئي ڪئي
متاثر ٿي چيو اهل ادب سهڻو اديب آيو

گناهن جو ذڪر ڇيڙي۔مجي اهل زهد ورتو
حفن وٹ قلب مومن هڪ عجيب آيو منيب آيو.

◈

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

رُسڻ وارا رُسين چو ٿو-رُسامون ڇڏ گلي سان مِل
پَراهون ٿي نهين ٿو چا-پراون سان نہ ائين تون کِل

هتي ڪيئن ڏس ٽرن ٿا پيا-جدا تو کي ڏسي مون کان
اهو جي مهربان سمجهين-پري تنهنجو هجڻ آ پُل

محبت ڪا نہ سمجهين ڪن-جنين سمجهي وفا ٿي ويا
فنا خود ٿي بقا ٿي ويا سچائي جو اهو آ قل

محبت ناهي بازاري وکر-جنهن کي خريدي ڪو
انعام آ خوش نصيبن جو-ملي ٿو دل جو اهڙو گل

تنهنجي دل منهنجي پهلوءَ ۾-ڪڏهوڪو يار ڌڙڪي پئي
توجہ ڏي تہ ڌڙڪن ۾-رڳو تنهنجو ئي آهي هُل

روايت ۾ روين کي نٿو سمجهي تہ ڇا ٿي پيو
اشارن ۾ ٿا سمجهايون محبت ۾ آدل قاتل





هتي هڪ راز کي کولي-پڌائي يار اڄ مون کي
پري مون کان رهين چو ٿو سندم دل تنهنجي آ منزل

ڇڏي ڏي منفي ماڻهن کي-نفي جي سوچ دل مان ڪڍ
خبرداري انهن کان رک-اهي الفت سندا قاتل

ڪتابن کي پڙهو کولي-زماني کي ڏسو رولي
محبت ڇاهي سمجهي وٺ-اگر دلبر آهين قابل

رڳو سمجهڻ تہ هو منڪر-مڃي ئي ڪين ٿو منهنجي
اهو سمجهڻ ڪفر آهي- محبت ۾ غلط هر پل

حفن تو پيي گذاري آ عمر سورن ۾ پورن ۾
سچي محبوب جي مرضي محبت جو ئي آهي حل.

◈

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

ڏسان پيو رونقِ دنيا۔مگر دلڙي نٿي وندري
اڪيلائي غضب جي آ۔گهڙي هڪڙي نٿي گذري

خبر ناهي تہ ڇا ٿيو آ۔بنا محبوب جي دل کي
سمائي ياد دل ۾ وئي۔اٿم اهڙي نٿي نڪري

نسورو نيهن نظرن سان۔نگاهن ۾ ويو نائي
سندس صورت صفا سهڻي پونم جهڙي نٿي وسري

سنيها مون مُڪا آهن۔جوابي سلسلو ناهي
رڳو هت انتظار آهي سيڙهي ننڍڙي نٿي اُڪري

قرار دل کڏهن ايندو۔نهاريان رند راهون پيو
پٿر پهڙي نشان پگهرن۔رنبڪ رهڙي نٿي پگهري

ستارا ڪن ستارن سان۔لڳن رنگين رنگت ۾
لڳي جا پرت پيارن سان۔ڪجي ڪهڙي نٿي نبري



ڏَمِ ديدار مين رقصم

وفائن جي وچن سان هي چمن گلزار ٿيو هو پر
جهڪو جو هر ويو جهوري۔وفا ولڙي نٿي اُسري

نماز آ خوفِ احڪامي۔نہ آ معشوق منظر تي
انهي کي عشق ڪيئن چئبو۔محبت ڙي نٿي اُپري

نماز عشق جو پهلو ڏسي وٺ غور سان صوفي
سچا صوفي خدا جي خوف مان دلڙي نٿي نڪري

جتي محبوب آ سامهون۔اُتي عاشق جون ديدون هن
اِتي پرواز ٿئي اوچي۔اها نَنڍڙي نٿي اُڏري

اول آخر آ دروازو۔رڳو ظاهر ۽ باطن آ
اتي موجود آهي سڀ۔اگر بگڙي نٿي سڌري

لڳو آ عشق اربيلو۔پهي ويو پيار مان پائي
لڳي آ بره بيماري۔چڙهي چنبڙي نٿي اُتري

حفن هي حادثو ناهي لڳي دل جي تہ هئي لڳٽي
لڳڻ دل جو ئي شيوه آ۔نَنڍي وُهڙي نٿي وُهري.

◈

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

متان پرواه ڪنهن جي تون ڪرين دلبر زماني ۾
نہ ڪو ويساه ڪرڻو آ-حقيقت جو فساني ۾

چيو هو ڪن-پڌو هو مون-وفا وارا رهن ٿا ڪئين
جگر گوشي ڪيو آ تيئن-جيئن پٿري مشاني ۾

وڏي دلڙي ڪري هلبو نظر چوگرد ڦيرائي
رکي هلبو زماني جي رقيبن کي نشاني ۾

اگر مايوس رهندين تون تہ پو گاڏو هلندو ڪيئن
متا زنده تہ رهڻو آ-جهان جي ڪارخاني ۾

همت ڪر اُٿ ڪڙو ٿي يار لوڏي چڏ زماني کي
حصو تنهنجو بہ آهي هن جهان جي ڪل خزاني ۾





تجربا چڏ نہ هيڏي وچ نہ هوڏي وچ بيهي پختو
جهلي وٺ هر پلر دنيا سندي هن قيد خاني ۾

پلي ڪو ڪيئن چوي پيو پل-توجہ ڪو نہ ڏي ڪنهن ڏي
پري چڏ تون وجهي مٽرا-صفا خالي پيماني ۾

چڏي ڏيندين تہ چا ٿيندو هتي رهيجي تہ تون ويندين
هي تنهنجو آ-وچي چا ڪنهن پئي جو هن آستاني ۾

نگاهون ڪڻ بهارون ڏس زمانو هي سچو تنهنجو
مزو وٺ تون کُلي دل سان-گهمي ڏس آشياني ۾

سچڻ منهنجا سدا خوش رہ-سدائين مسڪرائي پيو
جڏهن ايندين ڪلي ملجان-ملڻ جي ڪنهن بهاني ۾

خداوندا حفن بس ناصحا آهي نہ هادي آ
اهو پاور تہ تنهنجو آ-عطا ڪر سُر تراني ۾

◈

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

وفا دلبر نہ ڪر بيشڪ۔مگر درشن ڪرائي وڃ
نظر نرمل وندر واري۔تون هڪ ڀيرو ملائي وڃ

جفا شيوُ آ سھڻن جو۔ادا تنھنجي جفا آ چڻ
حُسن وارا ھلي آ ھت۔جفا سان جيءَ جلائي وڃ

حسن وارا لڪين آهن۔مگر مون کي وڻي ٿو تون
گھُري ٿو روح من تو کي۔تهين کي پل رُلائي وڃ

ڪڏهن ڪان منتظر آهيان۔ڪٿان ايندين ڪڏهن ايندين
گھڙي پل لئہ تون پُلجي اچ۔هميشہ لئہ پلائي وڃ

تون نيڻن ۾ نھاري ڏس۔نہ تو بن آس آ ڪائي
وجي ٿو گر ڇڏي مون کي۔تہ پوءِ خود کي لڪائي وڃ

وري ميلو ڪڏهن ٿيندو۔اها ڪائي خبر ناهي
هوا کي چئو تہ راز اهڙو لکي ڪن ۾ ٻڌائي وڃ

حفيظ اهڙو سڪون ڪھڙو۔جياري پي تہ ماري پي
رُنو ڏاڍو آهي بسمل۔اچي هاڻي کِلائي وڃ.

◈





مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

وساري غم تون مرڪي جيءَ۔جيئڻ ان کي ئي چئبو آ.
زهر کي جام سمجهي پيءَ۔۔جيئڻ ان کي ئي چئبو آ.

نہ غمگين ٿي سڄڻ سائين۔غم گردش مان نڪري اچ
وڏائي وک سڄڻ مرڪي۔جيئڻ ان کي ئي چئبو آ.

زماني ۾ ڪيم غلطي۔پياريم ڪير نانگن کي
تون جيءَ هي حادثو سمجهي۔جيئڻ ان کي ئي چئبو آ.

جن کي باوفا سمجهي۔ڪيو ڏوه ڪبيرا مون
ڪنو سپنو وساري جيءَ ۔جيئڻ ان کي ئي چئبو آ.

مون رشتن کي تہ پويو هو۔وڏي اُتساه سان پر پوءِ
چيئون مون کي پرانهون ٿي۔جيئڻ ان کي ئي چئبو آ.

اميدن جي نيا کي ڏس۔هوائن جي نظر ٿي وئي
پري پيالو تون پنهنجو پيءَ۔جيئڻ ان کي ئي چئبو آ.

پنهنجا سک تو وڃايا سڀ۔هتي ڪن جي سُکن خاطر
قدر تنڪان نہ ٿيو ڪوئي۔جيئڻ ان کي ئي چئبو آ.

ڇڏي احسان فراموشن کي پنهنجي ڌُن ۾ گم ٿي وڃ
جلائي شمع تون پنهنجي ۔جيئڻ ان کي ئي چئبو آ.

ڇڏي ڏي ملڪ دنيا کي۔حفي وٺ راه تون پنهنجي
تون اپڻي گھوٽ پيالو پيءَ۔جيئڻ ان کي ئي چئبو آ.

◈

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

حيات مختصر جو حال-يارو ائين ٻڌايوسين.
رڳوا حوال دردن جو-هو سارو ائين ٻڌايو سين.

رڳو هئي رات ۾ باقي حصي ۾ درد ها ساقي
پُري پئي دل ڏسي اهڙو ڪفارو ائين ٻڌايو سين.

سُتل ها گهور ننڊن ۾-سحر ڪان پوءِ اُٿي ساٿين
چيو مرڪي ڪرين ها جي اشارو ائين ٻڌايو سين.

اندر جي پيڙ پئي جهوريو-طبعيت ۾ بہ ناسازي
توانو ڪو نہ آيو ٿي-سهارو ائين ٻڌايو سين.

اميدون آسرا شبنم-مثل آهن مگر ڪڏهن
رُئارن ٿا تہ مارِن پيِ-ٿي آرو ائين ٻڌايو سين.

اگر ادراڪ اٿئي پيارا-ٿي مالڪ جي نهارن ۾
ٿي ويندو جڳ حفي تو لئہ-هي نيارو ائين ٻڌايو سين.

◈



دَمِ ديدار مي رقصم

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

چڏي ويندين جي يارا تون-محافل جو پو چا ٿيندو.
وندر وارو ئي ماحول آ-مشاغل جو پو چا ٿيندو.

اڪيلائي متان ماري-ڪري مون ڪي اڪيلو ئي
انهي ويچار ۾ آهيان-مسائل جو پو چا ٿيندو.

گذاري عمر ٿئون ساري-جڏه ڪان ٿيو سنگم آهي
هي احساس ۾ ويل هڪ انهي پل جو پو چا ٿيندو.

الاهي پل اسان روئي ڪلي گهاريو آ گڏ ويهي
انهن لمحات جي جذبئي فضائل جو پو چا ٿيندو.

ڪڏه توجہ ڪڏه مائل ڪڏه ڪن ڊار هئي مون سان
انهن قربن قريبن جي شمائل جو پو چا ٿيندو.

ڪلي ڪلندي ڪلياسين پو اچانڪ لڙڪ ٽپڪي پيا
اِتي اورڻ انهن اڏمن جي بادل جو پو چا ٿيندو.

ڪڏهن ٿوري ۾ پرچڻ هو ڪڏهن ٿوري ۾ جهورڻ هو
محبت ڪي سهيڙڻ جي وسائل جو پو ڇا ٿيندو.

اهو جهورڻ جي دوري آ-وري موٽي ضرور ايندو
ڪنن ماٺهن جا مفروضہ ٻڌايل جو پو ڇا ٿيندو.

وڙهڻ جو نئون نمونون ڏس-مگر شب روز ٿو ساري
اهي سڀ ئي خيال آهن-دلائل جو پو ڇا ٿيندو.

خدا جي هن زمين تي ڪجهہ پري آهي اسان ڪان پر
هتان ايڏو پري ناهي جو هن دل جو پو ڇا ٿيندو.

دعائن جي اثر سان ڏس-سڪون دل جگر منهنجو
اسان سان گڏ آ سپنن ۾-مبائل جو پو ڇا ٿيندو.

حفن هو پل پري آ پر-دعائن جي آ گهيري ۾
سدائين خوش اُتي رهندو-مراسل جو پو ڇا ٿيندو.

◈





مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

سڪون قلب جا طالب-هِتي راهب تو ٿيٺو آ.
زماني جي پنجوڙن ڪي-ٽُڪي ٻاهر تو اچٺو آ

هنگامہ خيز ٿئي دنيا-مدارن جا ٻہ ميلا ٿئي
نظارا پُر فريب آهن-ارادي سان ئي بچٺو آ.

اگر چاهين ٿو حاذق تون-چڱا ٻئي جڳ ٿين تنهنجا
پلئہ پنهنجو بچائڻ لئہ-تو ڪي وريام ٿيٺو آ

رڳو نقطي جو فرق آهي-محبت ۾ ءِ محنت ۾
ٻنهي ڪر ساڻ سندرو ٻڌ-اهو ميلو تو ڪٽٺو آ

مفادن بن حفي ناتو-ڏنو ناهي جهان ۾ مون
نظر ۾ سڀ رکي ثابت قدم ٿي توکي هلٺو آ.

◈

مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

خـيــال يــار دل جــو درد اٿــلايــو
وري ٻـيـهـر سـڄـڻ جـي يـاد تـڙپـايـو

زمانـي جي ڪـمن ۾ پئي رُڌل سمجهئون
مـگـر سـيـنـي انـدر پـئـي ٻرءَ پـگهـرايـو

محبت راز سيني جو نہ سمجهو ڪنهن
زمانـي ڪـي اهـو اڪـڙين ئـي سـمـجهـايـو

اُجـايـل ديـد دلـبـر جـي نـگـاهـن مـان
ٻـري سـرڪـي سُـتـل جـذبـن ڪـي گـرمـايـو

سڀئي يادون اميدون سڀ هيون گهريون
اچـانـڪ اڄ انـهـن دل ڪـي آ تـڙپـايـو

اهـي يـادون مـحـبـت جـو حصـو آهـن
حـفـيـظ آهـن اهـي جـيـون جـو سـرمـايـو.

◈





مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

سينو صحن دل جو چمن روشن نہ ٿيو ڪجهہ ٻي نہ ٿيو.
محبوب جي گلفام دل-گلشن نہ ٿيو ڪجهہ ٻي نہ ٿيو.

مدهوش جي محبوب ٿئي-پو حال دل پو مال تن،
آغوش ۾ پو گلبدن-تن من نہ ٿيو ڪجهہ ٻي نہ ٿيو

ڪا دل تتي ڪا اک رُني عاشق مدامي منتظر،
دلبر اگر عاشق سندي ڌڙڪن نہ ٿيو ڪجهہ ٻي نہ ٿيو

ڌڙڪن ٻڌي-لڙڪن ڏسي محبوب پو مرڪي چيو،
ان جو اثر محبوب جي جذبن نہ ٿيو ڪجهہ ٻي نہ ٿيو

عرصو لڳو ڏاڍو وڏو-منهنجو ٿيڻ ۾ يار ڪي،
من منتظر دُوري ۾ گر ٻرهن نہ ٿيو ڪجهہ ٻي نہ ٿيو

مدهوش مان ٿيندس ڪڏه-پرباش هو ٿيندو ڪڏهہ
من جو لڳن ٿيندو ڪڏه-هو من نہ ٿيو ڪجهہ ٻي نہ ٿيو

عاشق حفن آ منتظر-معشوق جي آ تاڙ ۾،
بن دلربا چڻ دربدر-درشن نہ ٿيو ڪجهہ ٻي نہ ٿيو

◈

مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

محبوب جي محفل ۾ اڄ آهي اهو اعلان ٿيو
مرڪي ملي جنهن سان جڏهه تنهن تي تڏهه احسان ٿيو

چانڊوڪيون تارا ڪتيون-بزم سخن ۾ يار جي
جيڪو هجي هليو اچي-بلڪل هتي مهمان ٿيو.

آ گفتگو دلدار جي-پُرباش ٿي بلڪل پڌو،
مدهوش ٿي ڏسندا رهو-ڏسندي پلي قربان ٿيو.

محبوب آهي خوبرو-جنهن پي ڏٺو آ روبرو،
معراج ٿيو تنهن جو هتي جنهن جو هتي ميلان ٿيو.

آهي گداگر حسن جو عاشق هميشه عشق ۾،
آڏو اچي محبوب جي هر پل جهڪي دربان ٿيو.





نازو و ادا گفتار پي-رفتار پي سپ پيا وٹن،
خوش باش ٿي هتڙا چمن پورو سندن ارمان ٿيو.

ٿيو دلربائي يار جو مبهم اشارو اوچتو،
آٿت وصال يار جڻ عاشق جو آ-درمان ٿيو.

محبوب پيو مرڪي ملي-گلشن سڄو گلزار آ،
روشن سڄو سنسار آ-آهي ختم سنسان ٿيو.

اڄ پئي فضا معطر لڳي-مٿراپون ۾ پئي گهلي
سپ ڪو چوي پيو يار جي-آمد تي اڄ مستان ٿيو.

آهي حفن اڄ منتظر-محبوب جو ٿو وصل ٿئي
هر ڪو هتي مون کان وڃي-محبوب جو فرمان ٿيو.

◈

مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

منصف رڳو دعوا ۾ آ۔عادل ڪڏه انصاف ٿيو
مظلوم اڄ قربان ٿيو۔مجرم ڪي اڄ سڀ معاف ٿيو

طاقت اها فرعون جي۔شيطان جي بلڪل ڏسو
گردن جهڪيو مقبول ٿيو۔ورنہ اتي ئي صاف ٿيو

قبرون هتي هرجا ڏسو۔ڪي مقبرا شاهن سندا
ڪي بادشا ڪي ٻيا ولي۔مفلس منجهن اوقاف ٿيو

عربا سندي هر ٽيڪس ڪي امرا هتي ڪايو وڃن
فقرا هميشہ جيل ۾ شرفا جو ڪل اصراف ٿيو

جيڪي هتي پنڌ پيا هلون تن ڏي مڪان ناهي زمين
غربا سيئي ننيڙا اٿئي سي هيٺ ڏُن جو ناف ٿيو





سارو جهان ڏس غور سان سڀ بادشا سڏجن سدا
مرشد سندن شيطان آ، ان جو حڪم او صاف ٿيو

مخدوم هت مرشد بنيا پيرن وري سنڌڙي لٽي
جنهن ڪي جتان جهٽ پيو لڳي آهي اهو الطاف ٿيو

ماروئڙن ڏوٽيئڙن ڪي پيٽ لئہ ڳيڙو ڪپي،
ٽر ڪي سمر جيڪو مليو۔سرڪار لئہ اسراف ٿيو.

جاهل هتي قاتل هتي ظالم هتي فاسق هتي
بلڪل اهي ئي ٿا چون اهڙا هتي اشراف ٿيو

ڪنهن سان ڪندين ڪهڙين ڪندين جا باه ٿي دل ۾ دکي
هر ڪو حفن ورتل اٿئي۔جو زهر هو سو ٻاڦ ٿيو.

◈

مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

تنهنجو اچڻ مون سان ملڻ۔ڏاڍو سچڻ سهڻو لڳو.
هر هر ڏسڻ ور ور ڪلڻ۔ڏاڍو سچڻ سهڻو لڳو.

دنيا حسينن مهہ جبينن سان ڀريل آهي مگر
تنهنجو اچڻ مرڪي ملڻ۔ڏاڍو سچڻ سهڻو لڳو.

تنهائيءَ ۾ بيحال ٿي۔مرجهائي وئي مايوس دل
پر اوچتو تنهنجو اچڻ۔ڏاڍو سچڻ سهڻو لڳو.

گهِري نظر سان سونهن جا۔ميلا ڏٺم پُر مئي مگر
بلڪل حسين تنهنجو هجڻ۔ڏاڍو سچڻ سهڻو لڳو.

ڪيڪار ڪئي تو۔دل چڪڻ واري صدا سان واهواه
ناز و ادا انداز پڻ۔ڏاڍو سچڻ سهڻو لڳو.

مهرو وفا جي آس ٿو تو ۾ رکان اي دل نشين
هاڪار ديدن سان ڪرڻ۔ڏاڍو سچڻ سهڻو لڳو.

دل ٿي چوي آغوش ۾۔هر پل هجين منهنجي صنم
هڪدم ڪلي مون ڏي سرڻ۔ڏاڍو سچڻ سهڻو لڳو.

هن ڪائناتي سلسلي ۾۔حور ۽ مشروب جو
تو ڪي حفي تن جو ملڻ۔ڏاڍو سچڻ سهڻو لڳو.

◈



دَمِ ديدار ميں رقصم

مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

آڪاش ۾ي خاموش آ۔تون ۾ي پري اي دلربا
آغوش ۾ي تو ڪان سوا۔بس ڪرب آ جانِ وفا

محبوب جو نخرو ڏسان جيڪر اچي نروار ٿي
مخمور ڪي ۾اڪر وجهان جيڪر قبولي التجا

ميهار ۽ فرهاد ۾ي مجنون بہ آ رانجهو پنهل
عاشق ميڙئي دل ڦينڪ ٿئي سڏجن سڀئي ٿا چلولا

پهرين ڪلي پو گل ڪلي محبن ملي سرشار ٿي
ساڳو قلم لاڳو اسان سان ۾ي ڪري ماه لڪا

دل جي لڳن بلڪل جلن آهي اگن ساڙي ٿي پئي
دلبر اگر دل ۾ رهي ٺاري چڏي آه و فغان

نرمل نجو هر پل سچو آهي۔مزو بلڪل حفن
دل ۾ رهو ڪل ٿي رهو اهڙو مزو آهي ڪُجا

◈

79

مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

اکڙي لڳي تو سان جڏهه-هر هڪ سمئي من شاد ٿيو
مون کي خبر ڪا ڪانه هئي-مون سان وڏو بيداد ٿيو

پهري نظر تو کي ڏٺم-ڏاڍو وٽي ڇڙ حور تون
تو سان جڏهه پالو پيو-مون سان ڇڙ بغداد ٿيو

عورت تہ تون آهين مگر-آدم سندي دشمن وڏي
تو سان ملي دنيا ۾ هي آدم وڏو برباد ٿيو

تنهنجو عقل فرعون کان-گهٽ ڪين آهي هر طرح
پَستِ عقل تو کي ڏسي-موسيٰ بہ خود ناشاد ٿيو

احسان جنهن تو تي ڪيو-تنهن جو هتي شل خير ٿئي
دنيا تہ وئي پر دين کان-بلڪل هتي آزاد ٿيو



دَمِ ديدار مِي رقصم

عاشق سپئي مت جا منڊل-ها چلولا ٻارن جئان
تن کي ڪُلي هڪ ڳالهہ چئو-يارو ڪڏهن بهزاد ٿيو

ڦاٿو جڏهه ڪو عشق ۾-سو در بدر لٽجي ويو
اهلِ زمين کي هي سبق ڇڙ تاقيامت ياد ٿيو

بالغ جڏهه ڪو فرد ٿيو-جوهر پهي جوپن ٿيو
هر سنڌ مان ٽپڪي ٿمي ڇڙ عيش لئہ ايجاد ٿيو

دنيا لگن جو آ چمن-هر جنس پيو هر هر تڪي
بيچين ٿي هر ڪنهن چوي مجبور جي امداد ٿيو

ڏس عاشقي عورت ڏسي بدمست ٿي چنبڙي پوڙ
ڏس عاشقن جو فطرتن آهي وڏو تعداد ٿيو

سادي طبعيت جا حفن-تون پي ڪٽي چپ چاپ ڪر
تون پي ڪڏهن شاگرد هئين-هاٽي ڪٽي استاد ٿيو.

◈

مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

فهم و فراست ۾ قوي-دمساز ڪو آهي نہ پيو
لخت جگر بخت بلند همراز ڪو آهي نہ پيو

سسڪيون پري روئندو رهيس-محبوب هو بلڪل پري
آتت ڏيڻ وارو هتي-آواز ڪو آهي نہ پيو

مون کي خبر ڪا ڪانہ هئي-درد هِجر اهڙي طرح
ڳاريندو مون ماريندو مون-دلساز ڪو آهي نہ پيو

مون پئي اهو سمجهيو فقط-موتي وري ايندو هِتي
مون کان وڏو بردا شتن-جان باز ڪو آهي نہ پيو

دلبر جڏه تئي تو پري-شايد قدر تيندو آ پو
ويجهي پري جو يار هت-امتياز ڪو آهي نہ پيو

مالڪ وڏا ناچيز تي احسان ڏس بلڪل ڪيا
اولاد کي ممتاز ڪيو-اعزاز ڪو آهي نہ پيو





دنيا گهمڻ جي شوق ۾-دنيا پلي پر ڪي وٺي
هر هڪ جهان جي ديد جو پرواز ڪو آهي نہ پيو

آهي جنم هر ڪنهن وٽو-ساٿي سٺو مون کي ڏنئي
گلنازڪو آهي نہ پيو-اعجاز ڪو آهي نہ پيو

برزخ سچي دنيا کي ڏس-هت روح پيا تڙپن گهڻا
ناراضگي خود پئي وڌي-آغاز ڪو آهي نہ پيو

دنيا اگر مختص ڪري-ڪنهن يار لئہ ڪا راۂ هِت
محبوب آ ڏاڍو سٺو-ممتاز ڪو آهي نہ پيو

فطرت نوازي يار کي-دنيا جي هر نعمت سان هت
مرڪي ملي جي خوب تر-انداز ڪو آهي نہ پيو

مايوس ڇو آهين حفن-بلڪل اهو آهي ڪفر
پرواز ڪر اُوچو اُڏي-شهباز ڪو آهي نہ پيو.

◈

مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

گلزار ٿي گلشن سڄو-تو لئہ ڪِلي شل راس ٿئي
دل سان دعا آ مهربان پوري تو هر هڪ آس ٿئي

تا زندگي ٽڙندو رهين-ڪو غم نہ ٿو ويجهو اچي
جيڪي ڏسين سهڻو ڏسين-هر غم فنا ۽ ناس ٿئي

رشتا هتي جا مطلبي-رت جا ٿڌا چوسڻ لڳا
تن کان ٽري بهتر ڪيئي-شل تن کي ڪو احساس ٿئي

آهين جتي اُت دين جو-ڪو معاملو ناهي سڌو
ايمان شل سالم هجيئي-اهڙو نہ ڪو تو لاس ٿئي

تنهنجا هڙئي ڏکڙا سڙن-شل باھ ۾ چلڪي وڃن
آڪاش شل راضي هجئي-هر چين تنهنجي پاس ٿئي

اخلاق ۽ ڪردار سڀ-تنهنجي ذهانت ۽ عمل
تنهنجي سخا سيرت صفا-هر ڪنهن لئہ بهتر واس ٿئي

تنهنجو نطق علم و هنر-ٿي گامزن شهرت وئي
هر عام جي ڪم ۾ اچي-سر جي سڄي ۽ خاص ٿئي

هر هر دعا گهرندو رهي-شل شان تنهنجو پيو وڌي
تنهنجي ادا هر ڪنهن وٽي-تو کي نہ ڪنهن جي تاس ٿئي

◈



دَمِ ديدار مي رقصم

مستفعلن مستفعلن مستفعلن مستفعلن

محبوب کي ويجهو اچي-سرهو پسي پُر نور ٿيو
ڪو رنگ ۾ رنگجي ويو-ڪو ترت ئي تندور ٿيو

مون پيي اهو رنگڙو ڏٺو-حيرت زده ماحول هو
هر هڪ نظر مرڪوز هئي-هر ڪو صفا مسحور هو

مهمان ٿي آيو جڏه-محبوب هو منهنجي اڳڻ
ڇا انڪساري هئي تڏه-محبوب ڇڻ محصور ٿيو

دنيا تہ هڪ آڙاه آ-پرکڻ هتي آسان نہ هو
بازار لا محدود آ-ڳولڻ هِتي اک پور ٿيو

هڪ حسن ٻيو انداز ٿيو مرڪڻ وري هو نيم ڪُش
دلڙي سندو بسمل ٿيڻ-گهري نظر جو گُهور ٿيو

مون پيي سوين هت حسن جا پاڇا ڏٺا ڇڻ نانگ ها
مجبور کي هر پل ڪکڻ لئہ حسن هي معمور ٿيو

گھري نظر جا مون وڏي محبوب ۾ ڳوليم وفا
مون کي لڳو تعريف لئہ آھي صنم مشھور ٿيو

ناز و ادا کان ٿي متاثر يار کي چنبڙي پوڻ
آغوش ۾ مرکي ڪرڻ محبوب کي منظور ٿيو

ارض و سمان تارن ستارن سان جڙيل آ پُرڪشش
ڪو ديير سان چمڪيو وري جلدي نظر کان دور ٿيو

آھي خدائي خوبتر-ھن ۾ مٽيا انمول ٿئي،
توري لکي موتي ڏسو-خوشبو وٺو مسرور ٿيو.

جي حسن ۾ مدھوش ٿين-پو يار کي پر کي بہ ڏس،
آ پيار جو پياسي صنم يا مال لئہ مجبور ٿيو.

دنيا عياشي جو محل آ اِن نظر ڏسجي اگر،
پل عيش ڪيو پر باش ٿيو-پر يار پو مفرور ٿيو.

عاشق سڏائين ٿو حفن-پڇ عيش کان بلکل پري،
مزڙو وٺو پل عشق جو-عاشق سچا منصور ٿيو.

◈





مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

انداز دل لڳيءَ جو-آ دل جي پار گذريو.
اھڙو حسين منظر آ-خوشگوار گذريو.

چرچا تہ بيرخيءَ جا-مون پي گھٽئي ٻڌا ھا،
اھڙو نہ پل سڄڻ جو-ھِت ناگوار گذريو.

نقش و نگار اھڙو شايد نہ ھو ڏٺو مون،
صورت حسين ڏسندي ھر پل قرار گذريو.

پرپور آ جواني-مدھوش ٿيون نگاھون،
اڄ عاشقانہ ھر پل-آ پُر خمار گذريو.

ھڪ حسن ٻيو ادائون-ٿيو ڪُل ڪلام شيرين،
آ مُرڪ ڪافرانہ چڙ دل تي وار گذريو

آ دلفريب صورت-غافل ڪيو خدا کان،
ناھي نظر جي آڏو-اھڙو نکار گذريو

محبوب دل لڳي ڪئي-مون کان خزان پري وئي،
ھر پل حفي آ چڙ ڪو-باد و بھار گذريو.

◈

مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

انداز بي رخيءَ جو-ليل و نهار ٿي ويو
ناز و ادا غرورِ-نقش و نگار ٿي ويو.

دلبر جي سونهن سان گڏ چرچا جا بيرخيءَ جا،
بلڪل يقين نہ هو پر اڄ اعتبار ٿي ويو.

مغرور منهنجي چاهت-سمجهي ويو هو شايد،
اُن وقت ڪان ڇڏبو ٿي-هو پئي ڪنار ٿي ويو.

شايد هو حسن ڪي ڪو-رسم جهان جو خطرو،
مجبور عشق آخر-ائين سوڳوار ٿي ويو.

محبوب جي اندر ۾-جهاتي وڌي جڏهن مون،
خود کي اُتي ڏٺو مون-دل کي قرار ٿي ويو.

خاموش قربتن آ-آخر ۾ رنگ لاتو،
حفي الحفيظ مليوءِ پيڙو پار ٿي ويو.

◈





مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

قربان تنهنجي سر تان-سر ساه ٿيو تہ ڇا ٿيو.
تنهنجي ڪري زمانو-بدخواه ٿيو تہ ڇا ٿيو.

دنيا جي سمنڊ ۾ ڏس-هر ڪنهن جو جوڙ آهي،
منهنجو تون جوڙ آهين-ڪو باه ٿيو تہ ڇا ٿيو

واعدا وفا ڪيا ٿئون-هن پيار جي جهان ۾،
هن راز ڪان جي ڪو پي-آگاه ٿيو تہ ڇا ٿيو

ڪيئن عشق ۾ ڪپي ويا-ڪئين عشق ۾ رچي ويا،
عاشق کي هوش ڪهڙو-گمراه ٿيو تہ ڇا ٿيو.

بيحد حسين آهين-پڳوان جهڙو سهڻو،
تنهنجي مقابلي ۾ جي ماه ٿيو تہ ڇا ٿيو.

دنيا ۾ جو رهي ٿو۔آ مبتلائي الفت،
الفت خلاف جيڪر۔آراه ٿيو تہ ڇا ٿيو.

الفت نفي نہ آهي۔الفت آ ڪم خدا جو،
مدهوش قرب ۾ ڪو۔بيراه ٿيو تہ ڇا ٿيو.

دنيا آ مئي جو نالو۔هيءَ عشق مان جُري آ،
بدبخت عشق بن ڪو۔جي شاه ٿيو تہ ڇا ٿيو.

هِن هُن سان ناهہ ڪهڙو۔محبوب جي رضابن
محبوب جي رضابن۔ڪو ناه ٿيو تہ ڇا ٿيو.

پرواه ڪا سڪندر۔مون ڪي حفيظ ناهي
جيڪر جهان جو ساري۔مفتاح ٿيو تہ ڇا ٿيو.

◈





مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن

يادن اچي ستايو۔رشتن وري رنجايو.
تڪليف جو زمانو۔هر هر ٿي ياد آيو.

جو هو شريڪ جيون تنهن پي وچن ڪيو هو،
ليڪن وفا جي داعي هرگز نہ هو نڀايو

لخت جگر چون ٿا پنهنجو ئي خون آهي،
ليڪن جوان ٿي تن پي رخ شهر ڏانهن ڦيرايو.

تن مان هو هڪ الگ پر تنهنجي صفت ڪيان ڇا،
ٿي ڪنهن جي هنج ۾ پو ان پي نہ ڪي گهٽايو.

ڪنهن لئہ ڇوان جهان ۾ آهي وفا جو پيڪر،
خود غرض آ نہ جنهن ڪي احسان ياد آيو.

جن ڪي مون پنهنجو سمجهو تن ئي نپوڙيو دل ڪي
ڪو پي پڇڙ نہ آيو مطلب لئہ سڀ ڪو آيو.

آ وقت منهنجو پيري سڀ ڪو پري آ پيارو،
ڪا سار ڪو لهي ڇو ڪنهن فرض ڪين پانيو

ڇو ٿو چوين حفي تون احسان تو ڪيو هو،
تو قرض پنهنجو لاٿو هو فرض تو نڀايو.

◈

85

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ٻل گلابي لال لبڙا سونهنجي سردار جا
ناز نخرا نيهن وارا قرب جي حبدار جا

بانهن لوڏي آءُ اوري ويهه پر ۾ بادشا
دل چوي ٿي مان چمان هٿڙا مٺي منٺار جا

قرب واري کا ڪچهري ڪر اچي اي دلربا،
ڪي ٻڌائي ٻول اهڙا تنهنجي منهنجي پيار جا

بار ها تنهنجي ملڻ جون ڪاوشون مون پئي ڪيون،
تا ڪه مان درشن ڪيان تو دل سندي دلدار جا

دل خدا جو گهر چون ٿا پر رهين ٿو يار تون،
جا بجا ڪلمان ڪفر هي بره جي بيمار جا

مهجبين اي دلنشين ٻڌ هاڪ پنهنجي حسن جي،
ٿا چون تو کي مسيحا هن سڄي سنسار جا

سڀ وهي ءِ واپري ٿو هن جهان ۾ هر سمئي،
مون توجه اُت ڪيو جت سڀ فسانه يار جا

مئي ذري مون کي ملي آعشق جي ءِ حسن جي،
مون مٺي ايڏا وڏا احسان پالڻهار جا

چار پل جا فاصله ٿا فاصله مون کي لڳن،
حفن تون ڏس ته جذبا پيار جي پينار جا.

◈





فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

ناز پرور يار منهنجو نيهن سان نروار ٿيو
قرب ۾ قابو ڪري هن دل سندو مهندار ٿيو

آستاني ۾ اڪيلائي ڏنگيو پئي بارها
اوچتو محبوب جو مون ڏي اچڻ غمٽار ٿيو

جابجا محبوب بن هر ڪم هِتي آهي مئل
قيد ٿو هر پل لڳي جي دور آ غمخوار ٿيو

ڪائنات آ مشغلو هر رنگ ۾ رنگين مگر
ڪا نه ٿي سڀ سان لڳي هر ڪو هتي بس بار ٿيو

ڪير ٿو يارو چوي آهي طبعيت خشڪ مون
قرب مون جنهن کي ڏنو سو قرب مان ٽمٽار ٿيو

عشق ۾ غلطان ٿيو سو هوش ۾ آيو نه پو،
يار جي ديداربن هر پل صفا بيڪار ٿيو.

غور مون ڏاڍو ڪيو پر سمجهه ۾ آيو اِهو،
يار جي ميلاپ بن آچين منهنجو ڏار ٿيو.

آ عجب هي فارمولا-چين ۽ بي چين جو
يار جو جي وصل ٿيو پو چين چڱ دلتار ٿيو

آ نشاني يار جي نخرا نوان ۽ ناز پڻ
پيار ۾ ويجهو اچي پو-پيار جو سينگار ٿيو.

بادشاهي حڪم راني-رعيتي آ معاملو،
عشق پڻ آ بادشاه جو دل سندو سرڪار ٿيو.

قرب داري عجز واري آ اهو شيوه دلي،
قرب ۾ قابو ڪري جو يار سو دلدار ٿيو.

عاشقن جي دل هميشه سونهن وارن جو آ گهر،
سونهن وارا جي مڇن ٿا-نيهن جو اظهار ٿيو.

اي حفن تون عاشق آهين نيهن کي محسوس ڪر،
سونهن ڏس هن نيهن ۾ چڱ سونهن جو ديدار ٿيو.

◈





فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

عاشقن جو نيهن نرمل-يار جو ديدار آ.
ورنه قالب خود قفس آ-جان تن لئه بار آ.

هر نگاه عاشقان صورت رهي ٿي هيڪڙي،
جا سمائي ساه ۾ تو من شدي من تار آ.

يار جي مرضي جڏهن درشن ڪرائي ديد جو،
خوشگوار آ موڊ چڱ سڀ هار ۽ سينگار آ.

محب جهڙو ڪو به ناهي-جو وڏيو سوئي وڏيو.
هر صبا ۾ هي حقيقت قرب جي آشڪار آ.

محب جي هر هڪ ادا آهي صفا مسحورڪن،
هر سمئي هر رنگ ۾ هو محب جو حبدار آ.

جو رهي ٿو من ۾ تنهن جو-ورد ٿي ويو خودبخود،
چئو پيلي هر عام کي پڱوان خود هڪ پيار آ.

دلربا درشن ڪرائي وچ ته ٿئي ڪا تازگي،
انتظار آهي حفن کي-ديد لئه اصرار آ.

◈

فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

وچ پيامي دلبربا ڏي-چئو وسين تو ساه ۾.
ڏج سنيهو جڳ چوي-تو ڪاڻ چريو چاه ۾.

ڪا بہ صورت هن جهان ۾ ڪا نہ تي مون کي وٽي
اچ ملي وچ يار جاني-ساهہ پئيم ساه ۾

ڪاٿ قد سان يار جو هي ناز ڏس انداز ڏس
نقش نرمل ناهي ڪوئي چوڏيهن جي ماه ۾

چا نگاهن ۾ تبسم ۽ ادائن ۾ حيا
مرڪ ويتر باه ٻاري-عشق جي آڙاه ۾

دل جي دنيا صاحبان کي با ادب تي چئو حفي،
منتظر ديدار جي لئہ بيٺو آهي راه ۾.

◈



دَمِ ديدار مي رقصم

مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن

وچ نہ چڏي ديار دل باد صبا وري لڳي
اچ تہ ملي قرار دل-دل تو بنا چري لڳي

ناه خبر حيات جي-غور و فڪر ڪرين اگر
وقت ڪڏي وصال ڪر-دوري صفا ڳري لڳي

ابري ڪرم پيلي وسي گل ۽ ڪلي پيلي ٽڙن
دل جو صحن بهار تيو باد چمن تري لڳي.

قرب جوار ۾ رهي جور جفا نہ ڪر سجن
يار وفا ڪرين ها گر-تنهنجي جفا بري لڳي.

آءُ گلي لڳي تہ مل-دل جو چمن آباد ڪر
چا هي رکيو جهان ۾ تنهنجي لڳن پري لڳي

نيهن نشو بهار سان-جوت جلائي تو پيلي
نيهن خمار قلب آ-بات دَهن ڪري لڳي

جان جگر بهار تي باغ حفن آباد رک
آئين وري تہ پيار جي خالي نيا پري لڳي.

◈

مفتعلن مفاعلن مفتعلن مفاعلن

باک ڦٽي پـو اک لڳي-رات سڄي -نہ آيو هو
واعد وفا بہ يار کيو-جاڳ بہ ٿي-نہ آيو هو

ڪالهہ سين چيو تہ هو ناه وفا-ڪنهن يار ۾
ڪا بہ خبر نہ يار پئي مون سين ملي-نہ آيو هو

ماه لڪا سين چيو-آه ڪجا-هي مون ڏٺو
ناز ادا سخا نہ ٿيو-راه ڏسي نہ آيو هو

مون کي لڳو تہ ٿا جلن-صبح صبا صنم ڏسي
ماه قمر-اهو تہ هو-ساک ڪٽي -نہ آيو هو

قلب چوي ٿو حال دل-يار کي مان-سنڊو چوان
دل ۾ رها مثال ڪر-يار ٻڌي -نہ آيو هو

يار سڄڻ نگاه مان قلب اندر پهي ويو
ڇاٽي خدا چو ٿيو پري دل ۾ رهي نہ آيو هو.

◈





فاعلن مفاعلن فاعلن مفاعلن

ڪاهلو اُٿو متان ڪاروان هليو وڃي.
جاهلان ڏسي متان رهنما هليو وڃي.

بارها چيو هو مون هي چمن سنواريو
باغبان ڦتل ڏسي گلستان هليو وڃي

آ حيات مختصر غور ڪو ڪري ڏسو
اڄ سپان خلوص دل مهربان هليو وڃي

يار آ سچو مگر-بار پيو ڪٽي سڄو،
حالتون ڏسي پو ٿي بدگمان هليو وڃي.

يار آ اڃا اُتي-رونقن جي درميان،
بخت بي نيا ڏسي بادبان هليو وڃي.

آس تون ڇڏين متان حاصلات ڪرڻي آ،
مهربان پو پلي-پيار مان هليو وڃي

صاحبو حقيقت آ-آهي جو حفن چيو،
قلب سان سڄائي هي آشيان هليو وڃي.

◈

فاعلن مفاعيلن فاعلن مفاعيلن

ديد ڪڻ نگاهن جي-نار جو نظارو ڪر
سونهن انتها آهي-يار جو نظارو ڪر

چا خدا تراشي هِن حسن کي نکاريو آ
مهجبين ديد و لبر رُخسار جو نظارو ڪر

شوخ، دلربا جي مون گفتگو ٻڌي ورتي
چا انداز هو خوش گفتار جو نظارو ڪر

زلف مهجبين تي ڏس-نانگ بنجي جهومن پيا
زلف جي اسيري سينگار جونظارو ڪر

خوبرو هلي ائين پيو-ڊيل چڙ ٽلي ٽي پئي
ڊيل جهڙي سهني منٺار جو نظارو ڪر

رمز خوبرو جي ڏس-سونهن ڏس ادائون ڏس
آشباب حسن سردار جو نظارو ڪر



دَم ديدار مي رقصم

اوچتو نگاه جانان اسان تي پئجي وئي
نيهن سان نهاري تنهن يار جو نظارو ڪر

عجب جو پيام آيو-جلد مان پچان هن وٽ
اڄ گلاب جي گل جي هار جو نظارو ڪر

يار بن هئي تنهائي-پيار بن هئي بيچيني،
اُن عدم محبت جي پار جو نظارو ڪر.

اجتناب الفت جو-اضطراب هو دل جو،
اختتام ٿيو هن آزار جو نظارو ڪر.

فاصلہ پچائي ٿا لال ڪن عشاقن کي،
جابجا عشاق جي پيار جو نظارو ڪر.

اي حفيظ الفت ۾-خوش نصيب آهين تون،
وصل هو تہ هو-مٽيادار جو نظارو ڪر.

مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن

نہ پيار تنهنجو ڪو آہ مون سان-رڳو تون ڪوڙا قسم ڪٽي ٿو
نہ دل ڏني تو- نہ دل وٺي ٿو-نہ سچ چوين ٿو رڳو هٽي ٿو

ڳٽائي يا ڳڻ-هزار راتون- گليءَ مان تنهنجي لنگهي چڪو آن
قدر ڪرين ها ڏسي ها جيڪر تہ ڪيڏو دل ڪي مٺا وٽي ٿو

حسين پيي آن تہ شوخ پيي آن-لڪي ڏسين ٿو ڏسي لڪين ٿو
مذاق ۾ دل ڦري چڏي ٿو-اهو عجب گُر ڪٽي هلين ٿو.

ٻڌائي مون ڪي سوائي منهنجي گهٽا ڪيا ٿو تہ عاشق آهن
رڳو لٽو مان تہ تو ڪي آهيان-اها روش چو روا رکين ٿو.

اندر ۾ پنهنجي نظر وجهي ڏس-چڱو ڪرين پيو برو ڪرين پيو
نظر ڪٽي ڏس تہ دلڙي ڪنهن جي گهڙي ڪٽي ٿو گهڙي چڏين ٿو

اگر تو الفت ذري بہ آهي سچو ٿي هيڏي حفن هلي آ
نہ دل لڳي آ سزا رڳي آ رڳو نڳي آ تون جا ڪرين ٿو.

◈





مفاعلن فعلاتن مفاعلن فعلن

نہ يار آ نہ خمار آ-نہ جام ۾ ڪو نشو
نہ پيار آ نہ قرار آ-نہ قلب ۾ ڪو مزو

بهار اچ تہ خزائن-جي ور نہ چڙهي وجي
بخار جلد لهي چو-نٿو علاج ڪيو

نہ چين هو نہ سڪو آ-قرار چا تہ چوان
اچي تہ پو ئي قرار آ-ديار يار وجو

نگاہ مان تہ لڳو پئي-آ پيار ۾ نشو پيي
دوا اِها تہ آ بلڪل-رڳو شفا آٽجو

صنم ڪٿي بہ هجي يا پري جتي بہ هجي،
لڪي وجي تہ بہ چا ٿيو-مري تلاش ڪجو

حفن هي عشق آهي ڪُل-نگاہ پرت نشو،
جو يار پيار قرار آ-سو يار آہ سچو.

◈

مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن

محبوب گل گلاب چوان يا ڪہ گلبدن
سارو جهان آه صفا سونهن تي مگن

مخمور چا نگاه ڪٺي ٿو خمار مان۔
مدهوش ٿو ڪرين تون سڀني کي اي جانِ من

گلزار هن چمن ۾ بهارون رهن سدا۔
جيڪر خزان لڳائي بہ گلشن ۾ چو اگن

گلزار گلستان ۾ بهارون هُجن سدا۔
سرسبز رک چمن کي سجا باغبان من

خاموش ٿو رهي تہ ادب جي آ انتها۔
چوري جي چپ چوي تہ ڪو آواز ڪن پٽن





پڳوان ڪا بہ ڪوٺ رکي ناهي يار ۾۔
اوصاف يار جا تہ صفا جام آ جمن

خلوت هجي خمار هجي موج پل هجي۔
مهجور جي وصال لئہ سارون هي سارجن

وارن کي ائين نہ ڇوڙ متان ڪو ڏسي نہ پيو۔
جي ٿا ڏسن نظارو سي سڀ واه واه ڪن

ترڇي نظر جي رمز کي سمجهي ڪو پار ڪو۔
ورنہ تہ خام خيال ۾ عاشق ٿا خوش رهن

دنيا جو ڏس مذاق ڏنگائي روان دوان۔
اهڙي وري آ اُبتي جو پرڙي سان پار ڪن.

◈

مفتعلن فاعلن مفتعلن فاعلن

يار اچي حال احوال ۾ غمخوار ٿي
ڪنهنجي تہ تون ڏال ٿي ڪنهن جو تہ حبدار ٿي

ڏس تہ سهي يار تون پڌ تہ اچي حال دل
پاڻ ڪهي يار اچ قلب منا سار ٿي

عشق فنا ڪين ٿيو-حسن بقا ڪين ٿيو
اعراف بي دين ٿيو-آه عجب مار ٿي

واڳ جهلي راه ٿي چوڏهين جو ماه ٿي
بره منجهان باه ٿي عشق بقادار ٿي

حسن جو هيراڪ ٿي عشق جو تيراڪ ٿي
راڳ پي تون پاڪ ٿي نيهن ۾ نروار ٿي

نينهن کي نروار ڪر-قرب سندي ڪار ڪر
دين نہ تون ڌار ڪر عشق جو حبدار ٿي

خام منجهان خاص ٿي-آس وندن آس ٿي
يار لئہ تون ماس ٿي عام حفن يار ٿي.

◈





مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن

وفا چا ڪيم جفا ٿي ملي-هي قلب پلا پيو چا چوندو
خطا نہ ڪيم سزا ٿي ملي-هي قلب پلا پيو چا چوندو

مون دل تہ ڏني-آ ڏاڍي رُني-تو ڪان نہ پُني-جوڳنڊ ڪني
چڏين ها چني-اي دل جا ڏني-هيءَ قلب پلا پيو چا چوندو

هي ملڪ چڏي نہ وڃ تون لڏي هي دل ٿي سڏي آ روح ڳڏي
هي محل اڏي تون اچ تہ سهي هي قلب پلا پيو چا چوندو

آ عمر ساقي رهي نہ باقي-چڪايا چاقي هي چاق خاڪي
حياتي قطعي نہ آه گهٽي-هي قلب پلا پيو چا چوندو

ڏسي مون عمر ڪچي ئي نٿو- گهمڻ ٿو وڃي ۽ پڇي ئي نٿو
چوي بہ نٿو آ منهنجي وهي-هي قلب پلا پيو چا چوندو

صبوح صبا-رجوع رضا-فروغ وفا ٿي دارون دوا
سخا جي ڪرين عطائ ٿئي چڱي-هي قلب پلا پيو چا چوندو

صبائي سحر-وفائي مهر-سخائي سمر-عطائي بحر
شفا ٿي اگر ڪرين ٿو اچي- هي قلب پلا پيو چا چوندو

نہ حڪمت ٿا رڪن عملي نڪي ادراڪ آ ڪاتن
ٿرائي جو ڪو بہ هيرو نٿي-هي قلب پلا پيو چا چوندو

سپاه جو تون تہ سالار آن-جهاد جو ڳُڻ-رڪين ٿو چڱو
ٿو آسري ۾ رهي ٿو حفي-هي قلب پلا پيو چا چوندو

◈

مستفعلن مفاعلن مستفعلن مفاعلن

دنيا جي هر خوشي ملي-اڄ ديد دلبري ملي
خود خوبرو اڇي ملي-ڄڻ زندگي وري ملي

دل بيقرار يار هئي-تو ڪان سوا مزار هئي
دنيا رڳو بزار هئي-پر تنهنجي دلبري ملي

تنها هُيس زماني ۾-الفت جي آشياني ۾
گلشن جي ڪارخاني ۾-خوشبو سندي ڪلي ملي

مضمون پيار جو هتي-استاد ڪو نہ آ ڪٿي
اک قرب جي لڳي جتي ڊگري پريم جي ملي

صورت وفا ۽ پيار آ-ادراڪ جنهن ڏي ڏار آ
وصلت ۾ ۾ ڪل قرار آ-فردوس ڄڻ حفي ملي

◈



ڏَم ديدار مي رقصم

مفاعلتن مفاعلتن

عابس جو جنم-بساط دَهن
بهار چمن-نشاط صحن

گلاب گلن جو عا بس اٿئي
چمن جي اندر حياط رهن

هوا ۽ فضا آ عطر عيان
لڳي ٿو اختلاط چمن

صبوح صبا-پيغام ڏنو
پڄايو خدا-شواط ا من

تون بخت بنايو تخت سجا
اسان سان نہ اشتراط ڪجن

ايمان پري ڏي منڙو ٺري
پو ڪهڙو ڪيان احتياط پون

اُجــار هـــي دل-روان روح كـــر
تـراش ٿـئـي تـن-خـراط كـنـدن

ڏي خُــلــق زبــان-ايــمــان امــان
پـو ديـن جـا پـل صـراط سـجـن

قـــرار ۾ خـــانـــدان رهـــي
نصـيـب سـان پـل نـبـاط ڏسـن

سـيـاڳ صـفـا سـجـاڳ رهـي
انـــعـــام اهـــو ضـــبـــاط آهـــن

اي بـخـت پـڌا-خـدا جـي عـطـا
هـي بـخـت بـلـنـد-خـطـاط لـكـن

دعـا هـي مـان قـلـب سـاڻ لـكـان
اولاد ۾ رک صـــراط حـــفـــن

◈






# شجرو
# هنڙي جي هاليپوٽن جو

آئون اڄ جسارت كندي هنڙيءَ جي هاليپوٽن جو مختصر شجرو تحرير كرڻ ٿو گهران انهيءَ اميد سان تہ كو مجاهد من جُهد ۾ جهاد كندي هاليپوٽن كي تواريخي لحاظ كان روشناس كرائي تہ هِتي جا هاليپوٽا كڏهن ۽ كٿان آيا ۽ اُهي كهڙا حالات هئا جو انهن جي پنهنجن اباڻن جا كک ڇڏڻا پيا، چہ مي گوءِ مطابق هنڙيءَ جا هاليپوٽا ٺلٽي جيكا هن وقت ضلع ڄامشورو جي حدن ۾ اچي ٿي كان هِتي آيا پر انهيءَ هجرت جا اسباب مظهري حيثيت حاصل كري نہ سگهيا، بهرحال تقريبن ٻہ صديون اڳي هنڙي جا هاليپوٽا پنج خاندانن سان هنڙيءَ جي سرزمين تي وارد ٿيا، وڏڙن جي آگاهي بعد انهن جا نالا هٿ كري هيٺ ڏجن ٿا.

1. محمد وريل هاليپوٽو
2. حسين بخش هاليپوٽو
3. ڇتو هاليپوٽو
4. ڏٽي بخش هاليپوٽو
5. محمد قاسم هاليپوٽو


## 1. محمد وريل هاليپوٽو









## 2. حسين بخش هاليپوٽو










| | ذکيا الفاظ | معنيٰ |
|---|---|---|
| 1 | بساط | دستر خوان |
| 2 | نشاط | راحت-خوشي |
| 3 | صراط | سڌو رستو |
| 4 | شواط | ساحل يا درياه جو ڪنارو |
| 5 | خراط | ڪاٽ تراش يا صاف ڪرڻ وارو |
| 6 | حياط | احاطو-صحن-اڱڻ |
| 7 | نباط | سٺو نتيجو ڪيڻ |
| 8 | اشتراط | شرط رکڻ |
| 9 | اختلاط | ميل جول ڪرڻ (اختلاف جو ضد) |
| 10 | ضباط | نظم ضبط رکڻ وارو |
| 11 | ارتفاق | رفاقت-قرب محبت |
| 12 | اباق | فرار-نٺائڻ-دور ٿيڻ |
| 13 | استراق | چوري-چورائي وڃڻ |
| 14 | التحاق | ملڻ-ملي وڃڻ |
| 15 | شقاق | نفاق-نفرت ڪرڻ |
| 16 | سياق | ترتيب سخن-ترتيب سان هلائڻ |
| 17 | عتاق | چڱي نموني محبت سان |
| 18 | اشتياق | شوق-قرب-پيار |
| 19 | شهام | دلير-بهادر-شجاع |
| 20 | بهزاد | سٺي نسل جو انسان |
| 21 | خدر | پردو-نقاب-پوش |
| 22 | فغ | بت-صنم-معشوق-دلبر |
| 23 | ڪلال | ڪوزاگر-مٽي جا پيالا ناهيندڙ (پر شاعري ۾ ساقي طور استعمال ڪيو آهي) |
| 24 | تيرگي | تاريڪي-اونداهه-انڌيرو |
| 25 | احتياج | ضرورت-حاجت |
| 26 | بسام | گهڻو کلڻ وارو-هنس مُک-زنده دل-خنده جبين |
| 27 | بام | صبح ٿيڻ جي قريب-موسيقي جي ڌن |
| 28 | خرام | ناز و نزاڪت سان هلڻ |
| 29 | قوام | قدو قامت-او صاف خوبصورتي |
| 30 | بسمل | نيم زخمي-بره-دلبر جي ياد |
| 31 | مجاز | صورت تي انتها عاشق ٿيڻ |
| 32 | اصراف | استعمال هيٺ |
| 33 | اسراف | ضايع-نقصان-غير فائده استعمال |
| 34 | دمساز | قابل اعتماد دوست |
| 35 | سروش | خوش خبري |
| 36 | خوش خروش | شور غل سان خوش ٿيڻ |
| 37 | عشقه | اِها ول جيڪا سائي وڻ کي سڪائي ڇڏي وڻ ويڙهي |
| 38 | مفتاح | فاتح-فتح ڪرڻ وارو |